
ڪافر ديوتا
رسول ميمڻ

# ڪافر ديوتا

(چونڊ ڪهاڻيون)

## رسول ميمڻ

نئين دنيا پبليڪيشنس لاڙڪاڻو
1979ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

ڪافر ديوتا : چوند ڪھاڻيون
ليڪ : رسول ميمڻ
ڇاپو : پھريون، فيبروري 1979ع
ڇپائيندڙ : رزاق مھر
نئين دنيا پبليڪشنس لاڙڪاڻو
ٽائيٽل ڊزائين ۽
فوٽو اسڪيچ : ادل سومرو
قيمت : 6-00 روپيا

# ارپنا

**انهن ڪافرن جي نالي**
**جيڪي ديوتا آهن.**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”ڪافر ديوتا“ اوهان اڳيان پيش آهي. ڪهاڻين جي هن مجموعي جو ليکڪ ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار رسول ميمڻ آهي.

”ڪافر ديوتا“ ڇهن ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ورڪا، ڪارو پهاڙ، ڪافر ديوتا، تنهنجي جنازي پويان، گوڊ وٽ جو جنم ۽ پل جي پريان ڪهاڻيون شامل آهن. ورڪا، ڪارو پهاڙ ۽ پل جي پريان هڪ نئين سوچ تحت لکيل ڪهاڻيون آهن، جن ۾ مايوسين کان انڪار نه ڪيو ويو آهي، پر اهو اقرار ڪيو ويو آهي ته مايوسين جو وجود لازمي امر آهي، جنهن کان ڪڏهن به انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. ”پل جي پريان“ ۾ هر مايوس انسان آپگهات ۾ نجات ڳولي ٿو، پر هڪ لنگڙو ۽ ڇيچلائيندڙ انسان مصيبتن ۾ رهندي به ان ڪري جيئرو آهي ته هو هڪ انڌي عورت سان ئي صحيح، پر پيار ڪري ٿو ۽ اهو پيار ئي هن جي مايوس زندگيءَ جي آس بڻجي، هن کي ٻين نراس انسانن کان منفرد ڏيکاري ٿو.

هي ڪتاب رزاق مهر صاحب نئين دنيا پبليڪيشنز لاڙڪاڻو وٽان 1979ع ۾ ڇپايو.

ٿورائتا آهيون سائين رسول ميمڻ جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ نئين سر ڪمپوز ڪرائي موڪليو مهربانيون رحمت پيرزادي جون جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


پبلشر وٽان (ادارو).......................................................... 07
اَمُهاڳ.....................................................امر جليل 08
مُهاڳ...................................................رسول ميمڻ 10
ورڪا.......................................................................... 13
ڪارو پهاڙ.................................................................19
ڪافر ديوتا.................................................................28
تنهنجي جنازي پويان.........................................................37
گودڙوٽ جو جنم............................................................45
پل جي پريان...............................................................50

# پبلشر وٽان

ڪجهہ عرصو ادبي اسڪرين تان گم رهڻ کان پوءِ وري بي جان پنن جي وچ ۾ زندگي جا مختلف روپ کڻي نئين دنيا اوهانجي آڏو آئي آهي، نئين دنيا نون ماڻهن جي نئين سوچ ۽ نئين روشني جي ڌارا جو نالو آهي، اهڙي ئي هڪ دنيا سان واسطو رکندڙ هڪ ليکڪ رسول ميمڻ آهي، جنهن جي ڪاوشن کي پنهنجي وجود جي ذري ذري ۾ سانڍي نئين دنيا، ڪلا جي هن کيتر ۾ اڄ وري وارد ٿي رهي آهي.
هن کان اڳ واجد ۽ حبيب بروهيءَ جي ڪويتائن جو ٻٽو مجموعو "منهنجا گيت زهر جي ڳيت / درد جون واديون" نئين دنيا جو پهريون ڪامياب قدم هو، ۽ اڄ ڪافر ديوتا سان ٻيو قدم کڻندي تهائين وڏيک سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون.

*** هڪ وينتي:**
شڪارپور مان شايع ٿيندڙ هڪ ڪتابي سلسلو، جو ساڳي نئين دنيا جي سري هيٺ شروع ڪيو ويو آهي، ان جي سهڙيندڙ لاءِ هڪ وينتي آهي تہ اجا تہ اسان جيئون پيا.

*** هڪ وضاحت:**
ڪجهہ عرصو اڳ نئين دنيا کي سکر مان پڌرو ڪندا رهياسين، ۽ هاڻ ڪن اڻ ٽر سببن ڪري ساڳيو سلسلو لاڙڪاڻي مان شايع ڪري رهيا آهيون.

*** هڪ وچن:**
نئين دنيا پاران هر ٽين مهيني هند ۽ سنڌ جي سڄاڻ ڪلاڪارن جي ڪلاتمڪ رچنائن جو ڪتاب اوهان تائين پهچائڻ جو اسان سنجيدگي سان وچن ڪري رهيا آهيون .

**ادارو :**
**نئين دنيا پبليڪشن لاڙڪاڻو**

# اَمهاڳ

ڪنهن بہ ڪتاب جو مهاڳ گهڻو ڪري رٽائرڊ اديب لکندا آهن، مان لکڻ تان رٽائرڊ نہ ٿيو آهيان، مان هڪ ٿيءَ ڪان ٻيءَ ٿيءَ تائين نوجوانن جو همعصر آهيان، لکي رهيو آهيان، ڪتابن جا مهاڳ رٽائرڊ اديبن ڪانسواءِ بزرگ اديب بہ لکندا آهن. مان عمر جي لحاظ ڪان لهندڙ سج ۾ شاهہ بلوط جو پاڇو آهيان، مان موهن جي دڙي جو ڊٺل چوواٽو آهيان، مان اروڙ جي شڪست آهيان، پر مان بزرگ نہ آهيان، مان محبت جو ليکڪ آهيان، پر مان ڦوهہ جوانيءَ ۾ پنهنجي محبت ڪان جدا ٿيل آهيان، ان جدائيءَ ڪي مون جسم ڪان جان جي جدائيءَ وانگر محسوس ڪيو آهي، دل جا داغ روشن آهن، وقت جي دز تصور جي آئيني ۾ ڪنهن جو عڪس لٽي نہ سگهي آهي، مون ڪيس پنهنجي وجود ۾ ساهہ وانگر محسوس ڪيو آهي، حياتيءَ جي وحشتن ۾ ڪا گهڙي اهڙي نہ گذري آهي، جو خيالن جا غوراب ياد جي سمونڊ تان واپس ورِيا هجن، هوءَ جتي بہ آهي، جيئن بہ آهي. منهنجي قوت آهي، منهنجي همٿ آهي، هوءَ منهنجي روشني آهي، هوءَ منهنجي بصيرت آهي، اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي تقدير جا ڪتاب نہ هٿاسين تنهن ڪري جدائيءَ جي ريکا ڊاهي نہ سگهياسين. منهنجي تحرير جو هڪ هڪ لفظ هن لاءِ آهي هڪ هڪ جملو هن لاءِ آهي، مون هن لاءِ لکيو آهي مان هن لاءِ لکندو رهندس. مون هڪ دفعي ڪيس چيو هو منهنجو اواگون ۾ يقين آهي، مان تاريخ جي هر دور ۾ تنهنجي لاءِ جنم وٺندو رهندس. سنڌو مجبورين ۽ پابندين جي باوجود مان توسان محبت ڪندو رهندس توکي چاهڻ جي باوجود توکان جدا ٿيندو رهندس.

محبت جا ليکڪ بزرگ نہ ٿيندا آهن، تنهنڪري مان رسول جي ڪتاب جو مهاڳ نہ لکندس، مان رسول جي حوالي سان ادب ۾ اولڙن جو ذڪر ڪندس.

دنيا جي هر ڪا تخليق درد مان جنم وٺندي آهي، تخليقي عمل جي درد مان لنگهندي ڪجهہ عرصي تائين فنڪار کي سنئين واٽ وٺ نہ ڏيندي آهي، ان مونجهاري چڱن چوکن فنڪارن کي ماري وڌو آهي، مون رسول جا افسانا غور ۽ چاهہ سان پڙهيا آهن، مان اهو نہ چوندس تہ رسول ڪان اڳ ڪنهن بہ اهڙا سنا افسانا نہ لکيا هئا ۽ رسول ڪان پوءِ ڪو بہ اهڙا سنا افسانا لکي نہ سگهندو، اها ننگي منافقت ٿيندي، رسول ڪان اڳ سنا افسانا لکيا ويا آهن، ۽ رسول ڪان پوءِ بہ سنا افسانا لکيا ويندا، تاريخ جي تسلسل کي ڪا بہ طاقت روڪي نہ سگهي آهي، ويجهڙائي ۾ شايع ٿيل رسول جي شاعريءَ جو ڪتاب ”اوشا جي آشا“ پڙهڻ ڪانپوءِ شدت سان محسوس ڪيو اٿم تہ رسول بنيادي طرح Fiction جو ليکڪ

آهي، ڪهاڻيءَ جي فن ڏانهن سندس لاڙو شاعراڻو آهي، سندس سوچ شاعراڻي آهي، سندس اظهار جو طريقو شاعراڻو آهي، سنڌي ادب ۾ تمام گهٽ اهڙا اديب آهن جن کي نظم ۽ نثر تي هڪجهڙي قدرت حاصل آهي، في الحال اهڙن ٻن اديبن جا نالا دل تي تري آيا آهن، هڪ لڇمڻ ڪومل ۽ ٻيو قمر شهباز.

رسول کي سڃن افسانن جي ڏات مليل آهي. هن ڪتاب ۾ شامل افسانن جي باري ۾ ڪا ٻه راءِ ڏئي مان اوهان جي راءِ لاءِ تضاد جو سبب پيدا نه ڪندس. مان فقط ايترو چوندس ته رسول جا افسانا غور سان توجه سان ۽ همدرديءَ سان پڙهيا وڃن، رسول جا افسانا انهن جي سمجهه کان بالاتر آهن جن جي عقل ۽ فهم تي تعصب جا پاڇا پيل آهن.

**امر جليل**

1979-2-20

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي،

اسلام آباد.

# مهاڳ

## (”امن جي نالي“ کان ”ڪافر ديوتا“ تائين)

اڄ هڪ دفعو وري ڪتاب منهنجي سامهون آهي ۽ قلم منهنجي هٿ ۾، ٽي سال اڳ ”امن جي نالي“ پيش ڪندي مون ڪڏهن به اهو نه سوچيو هيو ته ڪتاب جي اچڻ سان ڪا ايڏي ڌماچوڪڙي ٿيندي ۽ مان ان ڪتاب جي نالي سان ئي سڃاتو ويندس. ”امن جي نالي“ مون کي ڪنهن حد تائين شهرت بخشي، هڪ اهڙي شهرت جيڪا سارتر جي ان نظريي جي برخلاف آهي ته شهرت قبرن کي سينگارڻ لاءِ هوندي آهي، اها هڪ تخليقڪار کي موت جي منهن ۾ ڏئي ان جي قبر کي گلن وانگر سينگاري ٿي، مان ته نه ٿو سمجهان ته ڪو شهرت منهنجين تخليقي صلاحيتن لاءِ موت جو سنيهو ڪٺي آئي آهي، ڇو جو مان شهرت کي ڪڏهن به پاڻ تي مسلط ٿيڻ نه ڏنو آهي، مون ان کي ڪڏهن به محسوس نه ڪيو آهي.
ادبي ميدان ۾ اچڻ سان منهنجن ڪيترن دوستن کي اها شڪايت ٿي پئي ته منهنجيون ڪهاڻيون انهن جي سمجهه کان بالاتر آهن. منهنجي approach ايتري ٿي ئي نه ٿي سگهي جو اٽندي اهڙيون ڳالهيون ڪريان جيڪي انهن لاءِ نيون هجن. ڪيترن دوستن اهو ڇيو ته، منهنجيون جنگ يا امن جي موضوع تي لکيل ڪهاڻيون انگريزي ادب جو ترجمو آهين؟ شايد منهنجي متعلق انهن جي اها راءِ سچي هجي!؟ ڇو جو نوجوان ٿيءَ سان منهنجي هميشه اها شڪايت رهي آهي ته هو Table talking ذريعي سياستدان يا اديب ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رُذل آهن. هو پنهنجن هٿن ۾ ڪتاب ڪٺي ڪڏهن به ان جا ورق اٿلائڻ پسند نه ٿا ڪن. ڪنهن جيڪڏهن انهن کي اهو چئي ڇڏيو ته آسمان هيڊو آهي ته هو ان کي هيڊو ئي تسليم ڪندا ۽ جيڪڏهن ڪو واقعي ئي آسمان ڏي نهاري انهن کي ان جي نيري هجڻ جا ثبوت پيش ڪرڻ چاهي ته هُو اُن کي ڪوڙو ۽ بي ايمان سمجهي ٺُڪرائي ڇڏيندا. هو هر شيءِ کي پنهنجي سوچ کان هٽي هڪ مخصوص نظريي تحت پرکڻ چاهين ٿا، جيڪڏهن اهو انهن جي سوچ جي سطح کي پهچي ٿو ته ان جو آڌر ڀاءُ ڪن ٿا پر جيڪڏهن انهن جي سطح کان مٿاهون آهي ته هو ان کي واهيات چئي بيوقوفيءَ جو ثبوت ڏين ٿا.
ارتقائي اصول موجب هر ڪنهن جي ذهني سطح هڪ جيتري نه آهي، جيڪو هڪڙن ۾ سمائجي نه ٿو سگهي اهو ٻيا absorb ڪن ٿا، جن ۾ absorb ڪرڻ جي صلاحيت نه آهي اهي پنهنجي ذهني جدوجهد ۽ هڪ سڌي رستي واري ارتقائي منزل تي گامزن ٿي انهن شين کي ڳولهي لهن ٿا جن جي انهن وٽ ڪمي آهي.
جيڪڏهن اوهان سطحي يا صحافتي ادب چاهيو ٿا ته، اسان به کوهه جي بيٺل پاڻيءَ کي پسند نه ٿا ڪريون جنهن ۾ ترندڙ ڏيڏرن جي ”ٽان ٽان“ ان جي چوديواريءَ ۾ بند ۽ هڪ

دوڪي جي دنيا جو ظهور ڏيندڙ آهي. ”امن جي نالي“ جي شروعات ۾ مون پنهنجي پاران صرف جبران جو هڪ Quotation ڏيڻ ئي پسند ڪيو هيو، جيڪو آءٌ هڪ دفعو وري دهرائڻ چاهيان ٿو. ”تنهنجو اهو قول آهي تہ تون مون کي سمجهي نہ ٿو سگهين اها وڏي تعريف آهي جنهن جي مان لائق نہ آهيان ۽ بي عزتي پڻ آهي جنهن جو تون مستحق نہ آهين.“

”امن جي نالي“ ڪانپوءِ ”اوشا جي آشا“ ميدان ۾ آيو ان ڪتاب جو مهاڳ مان پاڻ ئي لکڻ پسند ڪيو جيئن ادبي وهنوار ۽ ان جي پيچيدگين کي پاڻ منهن ڏئي سگهان، ادب ۾ ٿيندڙ زيادتين ۽ تنقيد جو اصل مقصد ۽ ان جي تعريف بيان ڪري سگهان، ادب ۽ نظرين جي لاڳاپن جو تذڪرو ڪري سگهان ۽ هي اهو ئي مهاڳ هيو جنهن منهنجي شاعراڻي محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏيو، پوري ڪتاب جو مرڪز وجي اهو مهاڳ ئي بچيو ۽ هر ٽيڪا ٽپڻي وجي ان تائين محدود رهي، ڪيترا دوست ناراض ٿيا ۽ ڪيترن ناراض ڪيو، مطلب تہ چڻ سڄي ڪتاب ۾ لکيل منهنجو هڪ اهو ئي مضمون هيو جيڪو وجي نقادن جي اڏيءَ تي پيش ٿيو، ان مهاڳ ۾ گهڻو ڪجهہ بحث ٿيل آهي جنهن ڪري مان وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ نہ ٿو چاهيان، هر ڪنهن کي ان جي سوچ جي آڌار تي قبول يا نہ قبول ڪرڻ جي اجازت ٿو ڏيان، ڇو جو مستقبل مونکان وڌيڪ سيڪارڻ جون صلاحيتون رکي ٿو.

”ڪافر ديوتا“ منهنجين ڇهن ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ورڪا، ڪاروپهاڙ، ڪافر ديوتا، تنهنجي جنازي پويان، گودِ وٺ جو جنم ۽ پل جي پريان ڪهاڻيون شامل آهن.

ورڪا، ڪاروپهاڙ ۽ پل جي پريان هڪ نئين سوچ تحت لکيل ڪهاڻيون آهن، جن ۾ مايوسين کان انڪار نہ ڪيو ويو آهي، پر اهو اقرار ڪيو ويو آهي تہ مايوسين جو وجود لازمي امر آهي، جنهن کان ڪڏهن بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي، ڪاميو هجي يا ڪافڪا، اسان انهن جي سوچن کان لاپرواهي اختيار ڪري نہ ٿا سگهون، ڇو جو اهي زندگيءَ جي حقيقتن جي ويجهو آهين، انهن وٽ جيئرا ۽ امر مشاهدا آهن، جن کان انڪار ڪرڻ ڪفر آهي پر Pessimism انسانن کي هڪ سڌي واٽ جو ڏسڻ ڏيڻ بجاءِ زندگيءَ جي ڏکين راهن کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏي ٿي، اهو نامڪمل نظريو آهي جيڪو حقيقتن جي قريب هوندي بہ انسان ذات لاءِ تباهي ۽ موت جو پيغام آهي ۽ مان ڦيريون دفعو انهن راهن کان هٽي مايوسين کي قبول ڪندي، انهن جي معرفت اميدن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري هڪ نئين نظريي Pessimistic optimism کي پنهنجي لکڻين ۾ متعارف ڪرايو آهي.

”ورڪا“ ۾ بہ اهڙين ئي مايوسين کي چٽيو ويو آهي، ڪنهن بہ شيءِ تي ڦولن جي ورڪا ڪرڻ عقيدت ۽ پيار جي نشاني آهي، هڪ انسان پنهنجي محبوب جي قبر کي پيار ڪري ٿو، ان کي چمي ٿو، حالانڪ قبر مايوسين جو Symbol آهي، پر هڪ انسان جي قبر سان عقيدت ۽ دنيا کي قبرستان سان تشبيهہ ڏئي ان تي گل نڇاور ڪرڻ Optimism کي ظاهر ڪري ٿو، ”ڪارو پهاڙ“ ۾ موت ڪانپوءِ جي زندگيءَ کي نندي انسان جي مادي هجڻ

جا ثبوت پيش ڪيا ويا آهن، دنيا ۾ ٿيندڙ هر جدوجهد کي موت سان مقابلو قرار ڏئي مايوسين کي اپاريو ويو آهي، ڇو جو موت حقيقت آهي ۽ ان کي شڪست بي وقوفي. انسان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي تہ زندگي سزا آهي، جيڪا موت تائين انسان سان لاڳو آهي، پر ڪهاڻيءَ جو ڪردار آپگهات ڪري زندگيءَ کي معمولي سزا نہ ٿو ڏيڻ چاهي، پر پنهنجي ڪاهلين مان نڪري وڏيڪ محنت طرف مائل ٿئي ٿو ۽ اهڙي نموني خودسوزيءَ جي واٽن تان لنگهي شدت سان جيئڻ جو پهہ ڪري آپگهات جهڙي معمولي شيءِ کان ڪناراڪشي اختيار ڪري ٿو.

”پل جي پريان“ ۾ هر مايوس انسان آپگهات ۾ نجات ڳولي ٿو، پر هڪ لنگڙو ۽ ڇيڇلائيندڙ انسان مصيبتن ۾ رهندي بہ ان ڪري جيئرو آهي تہ هو هڪ انڌي عورت سان ئي صحيح، پر پيار ڪري ٿو ۽ اهو پيار ئي هن جي مايوس زندگيءَ جي آس بڻجي، هن کي ٻين نراس انسانن کان منفرد ڏيکاري ٿو.

”ڪافر ديوتا“ ۽ ”گوڏوٺ جو جنم“ سادن لفظن ۾ لکيل بہ ڪهاڻيون آهن، جيڪي انساني عظمت، ٻڌي ۽ امن جو سنيهو ڏين ٿيون.

”پل جي پريان “ هڪ طويل شاعراڻي لهجي ۾ لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ آمريڪي اديب هاٿورن جي لکڻين جو تاثر ملي ٿو، هاٿورن اهو آمريڪي اديب آهي، جنهن کي جيئري ڪو بہ Response نہ مليو، ڇو جو هو مستقبل جو ليکڪ هيو ۽ اڄ واقعي ئي حال ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڪي ڪي انسان پنهنجي وقت کان پهريان پيدا ٿيندا آهن، آءُ ڪنهن بہ تاثر ڪانسواءِ ان ڪهاڻيءَ ۾ هاٿورن جي سحرانگيزيءَ کي پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن منهنجي خيال ۾ افساني کي نئون موڙ ڏنو آهي، اهو بلڪل نئون تجربو آهي، جنهن ڪري آءُ چئي نہ ٿو سگهان تہ ان ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان.

آخر ۾ انهن دوستن جا ٿورا جن هن ڪتاب آڻڻ ۾ سهڪار ڪيو.

**رسول ميمڻ**

1979-2-10

**گلستان هوٽل گهٽي،**

**بئريج روڊ سکر سنڌ.**

# ورڪا

روڊ پسيا پيا هيا، اڻ ڪٺندڙ سوچن جيڏا ڊگها روڊ. جيڪي نظرن وٽان شروع ٿي ڏور ٿيندا ڪوهيڙي ۾ ڏنڌلا ٿي ٿيندا ويا. ٿڌ ڪري هر عمارت جڻ گوڏن ۾ ڪنڌ هنيو ڪنڊڙي ٿي ويٺي هئي. بارش ڪانپوءِ گهوگهٽ ڪري هلندڙ هوا روڊن تي پيل ڪاغذن کي اڏارڻ پئي چاهيو پر ڪاغذ پاڻيءَ جي آلاڻ سبب روڊ سان چهٽيا پيا هيا ۽ رڳو انهن جون ڪناريون سيءَ کان ٿڙ ٿڙ ڪري ٿي ڏڪيون. آسمان ۾ ڦهليل بادلن جا ٽڪرا آهستي آهستي ٿي چنڊ کان هٽيا ٿي ته پورا روڊ ٻري ٿي پيا، ۽ انهن جي ترائين ۾ هوا جي لڳڻ ڪري پيدا ٿيندڙ لهرن پويان چنڊ جو ٿهندڙ ۽ ڊهندڙ عڪس ائين ٿي محسوس ٿيو، جيئن ڪنهن سون پگهاري روڊ تي هاري ڇڏيو هجي.

پنهنجي پراڻي ڪٽل بوٽ سان روڊ تي ڦهليل پاڻيءَ جي دٻن ۾ ڇبڪ ڇبڪ ڪندو ماليءَ جي دڪان تي اچي پهتو، هن ڳاڙهين سرن واري دڪي تي قدم رکي کيسي ۾ هٿ وڌو.

”مالي“ هن چپن ئي چپن ۾ چيو ۽ پوءِ هٿ سان دڪان جي ڇپري واري ڏنڊي سان اڪيون ٻوٽي ٽيڪ ڏئي ويٺل ماليءَ جي ڪلهي کي لوڏڻ شروع ڪيو ”مالي .......... مالي“ هن جي آواز تي هو ڇرڪ ڀري جاڳي پيو ۽ هن جسم سان ويڙهيل ڪمبل کي منهن وٽان سرڪائي اکين کي ظاهر ڪندي هن ڏانهن ڏٺو.

”هو توهان.“

هن چيو ۽ پوءِ پنهنجي اڳيان پيل نازبوءِ جي ڏانڊين مان ڪجهه ڪٽي انهن کي ڪاغذ ويڙهيندي هن کي مخاطب ڪيو ”اڄ ڏاڍي دير ڪيوَ؟“

”ها“ هن اپو ساهه ڪٽي چيو ”بس بارش.“

۽ ان ڪانپوءِ ٻئي خاموش ٿي ويا.

هن ماليءَ کي سڪو ڏنو ۽ نازبوءِ جي ڏانڊين کي قابو ڪري ڳاڙهين سرن واري دڪي تان هيٺ لهي ويو.

ڪوهيڙي پويان ڪا به شيءِ ظاهر نٿي ٿي، رڳو ڪجهه قدمن تائين نظر صاف ٿي پئي مينهن ڪري بجلي ڪڏهن کان بند ٿي چڪي هئي ۽ اجان تائين روڊن جي ٿنڀن ۾ لڳل بلب بي نور هيا. ڪڪڙ جي رس وڪڻندڙ ڪپڙن ۾ ويڙهيا سيڙهيا ديڳڙيءَ هيٺان ٻرندڙ باهه تي هٿ سيڪي رهيا هيا ۽ گهٽين ۾ بيٺل چوڪيدار ڪنگهيا ٿي. هو هلندو هلندو شهر جي ٽاور وٽ اچي پهتو. هن مڪمل طرح پاڻ کي ڪپڙن ۾ ڍڪي ڇڏيو هيو ۽ پيرن تائين لڙڪندڙ ڪوٽ ڪري هن جو قد حد کان وڌو ٿي نظر آيو.

هو ٽاور ٽپي مقام طرف ٻئي روڊ ڏانهن مڙيو ته هن کي بند ٿيل پڙين ۽ روڊ ڏانهن ڪلندڙ تختن تي ڪيترائي انسان چادرن ۾ ليٽيل نظر آيا، اهي سيءَ کان ڪٻڙا ٿي ڳنڍڙي ٿيا پيا هيا ۽ ڪڏهن ڪنگهي پاسو ٿي ورايائون. هن هلندي هلندي هڪ ٻئي پويان انهن

تي نظر وڌي.
”انسان حاصل ڇا ٿو ڪري.“ هن سوچيو.
”هو صرف لٽجڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي.“
”ته پوءِ هن ڇرپر ۾ ارتقا جو مقصد ڇا؟“
”ڪجهه به نه، انسان ڪي دنيا جي ايٽ سان ٻڌي هن گردش جو بنياد رکيو ويو آهي، هڪ انسان گهلجي گهلجي وڃي ٿو ته ٻيو ان جي جاءِ وٺڻ لاءِ اڳ ۾ ئي تيار آهي.“
”آخرڪار ائين انسان ڪيسيتائين پاڻ ڪي موت جهڙي سرديءَ کان سنهي چادر سان ڍور رکندو، هن جي چڱائي ان ۾ آهي ته هو ان چادر کي هٽائي پاڻ کي سرديءَ جي بگهڙن حوالي ڪري ڇڏي ۽ خاموشي سان ختم ٿي وڃي. آخرڪار انهن صدمن مان حاصل ڇا ٿو ٿئي، جنهن جي سهاري زندگي گذاري ڇڏجي.“
هن محسوس ڪيو جيئن هن جو بدن هلڪو ٿيندو هوا ۾ بلند ٿيندو وڃي. هن جي تاڪين ۾ ڪا شيءِ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي، هن پاڻ کي سنڀالڻ لاءِ هرويرو به ڪوٽ جي ڪالرن ۾ هٿ وجهي هيٺ ڇڪيو، نازبوءِ جون ڏانڊيون هن جي هٿ ۾ هيون ۽ اجان به انهن جي ساون پنن مان پاڻي پئي ٽميو. هن کي ان جا واڳٽائي گل ائين محسوس ٿيا جيئن آڪيرن ۾ وينل جهرڪين جا ٻچڙا هن کان ڊڄي، حيرت ڀريل اکين سان هن ڏانهن نهاريندا هجن.
هن انهن ڏانڊين کي سنگهيو ۽ هڪ عجيب بي چينيءَ کان هن جون اکڙيون ڀرجي آيون. روح به نازبوءِ جي پنن جهڙا پاڪ ۽ تازا آهن. هن سوچيو ۽ پوءِ پنن ڏانهن نهاريو، پاڻيءَ جون ننڍيون ننڍيون بوندون پنن تي هن کي معصوم ٻار جيان مرڪي ڇيڙائي رهيون هيون، واڳٽائي گل ننڊ ۾ ساهه کڻي رهيا هيا، انهن جي اندر مان نڪرندڙ ٻاڦ هن کي ائين محسوس ٿي جيئن هو ڪنهن روح کي ڇهندو هجي، هن کي نازبوءِ جي خوشبوءِ ۽ روح ۾ ڪو به تفاوت نظر نه آيو.
قبرستان اجان به ڏور هيو ۽ ڏانڊين جي سڪڻ جو سوال ئي پيدا نه پيو ٿئي. بارش ڪانپوءِ هلندڙ گهميل هوا انهن کي تازو رکڻ لاءِ ڪافي هئي.
هو اڳتي وڌيو ته هڪ چوسول تي هن کي هڪ شخص نظر آيو، جيڪو ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين اگهاڙو هيو. ان جي بدن جي ڪاري چمڙي چمڪندڙ رات ۾ ائين ٿي لڳي جيئن چنڊ دنيا جي ڪاراڻ پي ڪارو ٿي ويو هجي ۽ دنيا اڇي. اهو وچ روڊ تي بيٺو هيو ۽ خبر نه آهي هن هر هر ڪنهن سان پئي ڳالهايو. هو کلي رهيو هيو ۽ نچي رهيو هيو، ائين ٿي ڏٺو جيئن هو بي انتها خوش آهي، جيئن هن کي يقين ٿي ويو هجي ته هو پيڙجندڙن منجهان نه آهي. جيئن هن موت جي هٿ تي چمي ڏئي بيعت ڪئي هجي ۽ زندگيءَ کي سزا ڏيڻ لاءِ ان کي وچ چوسول تي اگهاڙو ڪري نچايو هجي. ”چريو.“ هن دل ئي دل ۾ ورجايو ۽ هڪ زهريلي مرڪ سان ان اگهاڙي کي ڏسندو اڳتي وڌيو.
هاٽي اها رونق به ختم ٿي چڪي هئي، جيڪا ڪجهه وقت پهريائين هن کي روڊن تي نظر

آئي هئي، شايد رات ڪافي لنگهي چڪي هئي ۽ هو شهر کان گهڻو ڏور نڪري آيو هيو، هاڻي ڪو بہ انسان ڪو نہ ٿي نظر آيو، رڳو دڪانن جا بينر اکيون کولي جاڳي رهيا هيا. چانڊوڪيءَ ۾ آليون عمارتون هن کي ڪير جي سمنڊ ۾ وهنجنديون نظر آيون، جيڪي جڻ سمنڊ ۾ اٿندڙ چولين ڪري ٽيڏيون سڌيون ٿي لڏي رهيون هيون، ڪتان پريان اسٽيشن جي پرسان ريل چند ٿي ڪيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪتي جي هلڻ ڪري پاڻيءَ ۾ ڇبڙڪ پئي پيدا ٿيا نہ تہ گهڻي قدر خاموشي هئي، ڪٿي ڪٿي رستن تي نالين پرسان پٽين جي پاڙ ۾ جهرڪيون پنهنجي آلن پرن سان ٽر ٽر ڪري ٿي ڏڪيون، اهي مينهن ۾ ڪنپ پسائي ڪريون هيون ۽ انهن ۾ اڏامڻ جي سڪت باقي نہ رهي هئي.
ويران روڊ کي ڏسي هن سوچيو، ”ڏينهن جي اکيون ڪيندڙ روشنيءَ ۾ ڪي تہ هوندا جيڪي ڪنهن لاءِ ڪلهن تي مڻ وزن جا رکي ڊوڙندا هوندا، انهن جا پير ڦاٽي ۽ ڪنڌ بوجهہ ڪان سڄي پوندا هوندا، ڪي تہ هوندا جيڪي ڪنهن ڊگهي سفر ڪان موٽي پنهنجي بيگ جي هٿن کي بي چيني سان مهٽيندا ڪنهن جي ياد کي دل ۾ سمائي وڏيون ورانگون ڪٽيندا گهرن ڏانهن موٽندا هوندا ۽ ڪي وري ٻارن جي چيڙيل ۽ اٽين مٽن تي هڪ هٿ رکي ٻيو هٿ ماڻهن ڏانهن ڦهلائيندا هوندا.“ هن کي محسوس ٿيو تہ جيئن هر انسان پاڻ کي حرارت پهچائڻ لاءِ ڊوڙندو هجي، جيئن هو هڪ گهڙي بہ بينو تہ ٺڏو ٿي ڪرندو ۽ ڪڏهن نہ اٿندو. هن سوچيو آخر اهڙي ڊوڙ مان فائدو ئي ڇا؟ جنهن جو ڪوئي انجام نہ هجي، انسان کي هڪ ڏينهن ٺڏو ٿي ڪرڻو آهي ۽ ان ڪانپوءِ ڪجهہ بہ نہ آهي، شايد خاموشي ۽ اوندهہ بہ نہ. انهن گهڙين کي انسان محسوس بہ نہ ٿو ڪري سگهي، انهن کي ڇٽي بہ تہ آخري ڪيئن؟ هن کي ان حرارت جو ڪو بہ مفهوم سمجهہ ۾ نہ آيو، هر ڪو هڪ ڏينهن ٺڏو ٿيڻو آهي، پوءِ هن حرارت جو مقصد ڇا؟ موت سان مقابلو ڇو؟ جيڪڏهن ٻن ڏرين مان هڪ کي اهو علم آهي تہ هن جي شڪست يقيني آهي تہ ان جي آڻ مڃڻ ۾ ئي نجات آهي، موت اڻ ٽر آهي، هن کي سامهون ڦهليل ماحول ائين لڳو جيئن اهو ننهن وارو هٿ وڌائي هن جي مٿي تي رکي زور سان دٻائيندو هجي، جيئن خاموشيءَ مان موت پڙاڏا ڪري ڪتي جيان پونڪندو هجي. هو بيزار ٿي چڪو هيو، هن سوچن کان پاند ڇڏائڻ لاءِ انهن کان پاسو ڪرڻ چاهيو، هن جون ٿڪل ڄنگهون ڪجهہ تيز ٿي ويون، هو بس اسٽينڊ کان اڳتي وڌي چڪو هيو ۽ هاڻي هن جي ڄنگهن ۾ اها همت نہ رهي هئي جو اهي هن جي جسم جو بار ڪٽي سگهن. هن فٽ پاٿ تي قدم رکيو ۽ هلڪيون هلڪيون وکون کڻندو ان پٿر جي سامهون اچي بيٺو، جنهن تي لکيل هيو، قبرستان اڌ ميل ۽ هڪ تير جو نشان جيڪو هڪ ڊگهي ويران روڊ طرف اشارو ڪري رهيو هيو، جيڪو روڊ هن کي چانڊوڪيءَ ڪري ڪوهيڙي ۾ ٽاندي جيان ٻرندو نظر آيو. هن ڪجهہ دير ٽڪ ٻڌڻ لاءِ پاڻ کي ڍلو ڇڏي ڏنو ۽ سر جهڪائي ان جي پرسان ڦٽ پاٿ تي ويهي رهيو. هن نازبوءِ جي ڏاندي کي نهاريو ۽ پوءِ ان پٿر کي مٿو ڏئي هن پاڻ کي دنيا کان ڪٽي ڇڏيو.

**********

هن قبرستان ۾ قدم رکيو تہ چيڪڻ ڪري هن جا بوٽ ڌرتيءَ ۾ گپيا تي ويا ۽ ٻيو قدم رکي سٽ سان ان ڪي مٽيءَ مان تي ڇڏايو. چنڊ ائين چمڪي رهيو هيو ۽ هوا ۾ مٽيءَ جي خوشبو سمايل هئي، جيڪا قبرن مٿان اگر بتيءَ جي دونهي جيان جهومي نچي رهي هئي. پاڻ ڪي سهارو ڏيڻ لاءِ هن هر هر پاسن کان بيٺل ڪٻڙن جي لامن ۾ هٿ پئي وڌا، جنهن ڪان اهي آلا پئي تي ويا، مينهن ۽ ماڪ انهن ڪي مڪمل طرح وهنجاري ڇڏيو هيو.
هو پير پير ۾ ڏيندو ڪتبن ڪي پڙهندو اڳتي وڌندو ويو. سمر ڪري ڪيترين ئي قبرن جا اپار جهڪي هيٺ لهي ويا هيا ۽ ڪيترين ئي قبرن جي پاڙ ۾ ننڍا ننڍا سوراخ هيا، جتي ڪاريهر ويڙهيا سيڙهيا ڦوڪون ڏئي رهيا ها. قبرون ڪوهيڙن جي چادر پائي سدائين جيان ننڊ ۾ الوٽ هيون ۽ ٻاڙهين سرن وارو ٻورو رستي تي ڦهليو پيو هيو.
هو فريءَ جي قبر تي پهتو تہ هن جي قدمن جي آواز تي ڪٻڙن جي ٽارين ۾ لڪي وينل ٻجهون زوم سان اڏاميون ۽ پنهنجا آلا پر هٽنديون، هڪ گول چڪر لڳائي چنڊ جي روشنيءَ ۾ سسنديون آهستي آهستي تحليل تي ويون. هو عقيدت مان ٻانهون ٻڌي ڪجهہ دير بيٺو رهيو، پيار ۽ ڏک کان هن جي بدن تي خمار چڙهي ويا ۽ سيني ۾ وڌنڊڙ دٻاءَ ڪري درد محسوس تي رهيو هيو، پرجي آيل دل ڪري هو اندر ئي اندر ۾ سڏڪي رهيو هيو، پاڻ تي ضبط ڪرڻ ڪري هن جي ڪلين ۾ سور پئجي ويو ۽ نہ چاهيندي بہ هن جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.
هو فريءَ جي قبر ڪي ڏسي نہ رهيو هيو، پر چڻ هوا ٻڌجي ان ۾ سمائجي رهيو هيو. قبر جي مٿن کان لڳل سنگ مرمر جو ڪتبو هڪ طرف جهڪي اداس تصوير ٻڻيو بيٺو هيو، ۽ ان جي ڪوتيل اکرن جي وٿين ۾ پاڻي پئي چمڪيو. هن بيٺي بيٺي انهن ويرانين متعلق سوچيو، آخر ڪهڙي شي آهي جيڪا هن ڪي مايوسين جي عالم ۾ گهريل اداسين ڏانهن ڇڪي تي، آخر هن ڪي ان مٽيءَ جي ڍير سان پيار ڇو آهي؟ جنهن جي هيٺان هڪ بي جان شي دفن آهي. هن ڪي خبر آهي تہ ان بي جان شي ڪي نہ احساس آهي نہ ئي اها پيار ڪرڻ واري دل. هن قبرستان ۾ نظر ڦيري، هن ڏٺو، چانڊوڪي چڻ بيوهہ رن هئي، جنهن پيلي منهن تي لپاٽون هٽي پار پئي ڪڍيا، پريان هڪ ڪنڊيءَ جو اگهاڙو وڻ بيٺو هيو، جنهن جي سموري ساوڻ سرديءَ پي ڇڏي هئي ۽ اهو ائين تي محسوس ٿيو جيئن ٻانهون ڦهلائي خيرات ونندڙ فقير جي اگهاڙي بدن ۾ ڳڊيون پئجي ويون هجن ۽ هو اتي ئي سڪ تي ويو هجي. ڪٻڙ روئي رهيا هيا ۽ انهن جي پنن تي ڄميل ڳوڙها هر هر هيٺ تي ڇٽيا.
وچ قبرستان ۾ بيٺل ڪچي مسجد جا منارا هن ڪي بي جان لڳا ۽ قبرن جا ڪتبا هن ڪي ڪائڻ لاءِ چڻ وات ڪولي بيهي رهيا. آخر اهو سڀ ڪجهہ ڇو آهي؟ هر طرف مايوسيون ۽ موت ئي موت ڦهليو پيو آهي، جيئن هن قبرستان ۾ ايندي ڌرتي جي نرمي محسوس نہ ڪئي هئي پر هو هر قدم تي هڪ ڪونئري گوشت وارو لاش لتاڙي اتي پهتو هجي. رکي

رڪي هن کي فريءَ جو خيال آيو ۽ پوءِ مرڻ وقت ان جو چهرو هن جي اکيان ڦري ويو، هن محسوس ڪيو جيئن هو وهندڙ تيز پاڻيءَ ۾ ڪريو هجي ۽ ان جي لهرن ۾ لڙهندو وڃي.
هن نازبوءِ جي ڏانڊين تان ڪاغذ هٽائڻ ڪانسواءِ ئي پورو بنڊل قبر تي اڇلائي ڏنو ۽ ڏاڍيون ڪري روئي پيو، هن قبر جي پسيل نرم مٽيءَ سان پنهنجا ڳل گسائي، پاڻ کي پيوت ڪري ڇڏيو، هن قبر جي هر حصي کي چميو، هو جهڪيل ڪتبي جي پرسان آيو ۽ هن ان تي پنهنجو مٿو رکي پاڻ کي دنيا کان ڪٽي ڇڏيو.

**********

”بابا ......... بابا“ ڪوئي هن کي پڪاري رهيو هيو ۽ جڏهن هن کي جاڳ تي ته اهو اتي ئي فٽ پاٿ تي پٿر کي ٽيڪ ڏيو ستو پيو هيو، هن ڪنڌ مٿي ڪري نهاريو هڪ اڌ عمر جو ماڻهو هن کي ڪلهي کان لوڏي رهيو هيو. هن پاسي کان پٿر ڏانهن نهاريو ان تي ائين ئي ڪارن اکرن ۾ ساڳيو جملو لکيل هيو، قبرستان اڌ ميل ۽ هينان تير جو نشان.
”توکي سرديءَ ۾ سمهڻ نه گهربو هيو.“ هو پوري طرح سامت ۾ ئي نه آيو هيو ته ان ماڻهوءَ هڪ دفعو وري ڳالهايو.
“ها ها ... بيشڪ.“ هو صرف ايترو ئي چئي سگهيو.
”چور چڪار ماڻهو گهمن ٿا پيا، تون شڪل مان فقير به ته نه پيو لڳين.“ هن جي آواز ۾ سختي هئي.
”پر هن مهل جو تون هتي ڇا پيو ڪرين؟“ هن الٽو هن کان سوال ڪيو.
”مان چوڪيدار آهيان.“ هن چيو ۽ پوءِ سامهون گيريج جي اوريان ٺهيل جهوپڙيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ”سامهون منهنجي نظر پئي ۽ مان توکي اٿارڻ هليو آيس.“
چوڪيدار جي همدرديءَ تي هن کي خوشي محسوس ٿي، هن دل ئي دل ۾ چيو ”مهرباني.“
”چڱو هاڻي هتان هليو وڃ.“ چوڪيدار چيو ”ٻه ٽي ڏينهن اڳ ٻه هڪ دڪان کي ڌاڙو لڳو ۽ مان هن ايراضيءَ ۾ نئون آهيان.“ ”پهريون شايد جيل ۾ سڙندو هجي.“ هن جي اکين ۾ شوخي اچي وئي ۽ هن ويندي ويندي مڙندي چيو ”مان توکي هتي ويهڻ نه ڏيندس اٿ ۽ هليو وڃ.“
هن حڪم صادر ڪيو ۽ پوءِ لٺ کي روڊ سان کڙڪائيندو جهوپڙيءَ ڏانهن وڌي ويو جتي گرم باهه ٻري رهي هئي.
هن کي ان بيزار انسان جي ڳالهين کو به رنج نه پهچايو. هن ويني ويني قبرستان ڏانهن ويندڙ رستي تي نظر ڦيرائي، هن اکيان روڊن تي ڊوڙندڙ، ڇچريل انسان ڦري ويا، چو طرف ڦهليل عمارتون هن کي ڪتبا محسوس ٿيا، جيڪي جيئن هڪ طرف ڪنڌ جهڪايو اداسين جي تصوير بڻيا بينا هجن. هن کي محسوس ٿيو جيئن هو هلندي هلندي فريءَ جي قبر تي پهچي ويو هجي. هن جي قدمن جي آواز تي ڪبڙن جي تارين ۾ لڪي وينل ڳجهون زوم سان اڏاميون هجن ۽ پنهنجا آلا پر هٽنديون، هڪ گول چڪر لڳائي چنڊ جي روشنيءَ

۾ سسنديون آهستي آهستي تحليل ٿي ويون هجن، هو ويرانين ۽ مايوسين کي ڏسي روئي پيو، هن جي من ۾ عقيدت ۽ پيار پرجي آيو، هن نازبوءِ جي ڏانڊين تان ڪاغذ هٽائڻ ڪانسواءِ پورو بنڊل سرد هوا ۾ اڇلائي ڏنو، ”او دنيا تو لاءِ“ هن بلند آواز ۾ چيو ۽ نازبوءِ جون سايون ڏانڊيون آليءَ ڌرتيءَ تي ڪري هوا تي رڙهنديون ويون.

# ڪارو پهاڙ

گهنجيل منهن وارو آغا اڄان به پنهنجي ڪتابن واري اسٽال جي ڪتهڙي ۾ بيٺو ڪاري پهاڙ ڪي تڪي رهيو هيو. سج لهي چڪو هيو ۽ هاڻي روڏن تي ان جي هاريل لالاڻ به پاروٽي تي ڪاري ٿي وئي هئي. جڏهن سڀ عمارتون ايندڙ رات جي پاڇولن سان ڍڪجي ويندڙيون هيون ته تڏهن به ڪاري پهاڙ جون چوٽيون لهندڙ سج جي پوئين ڪرڻن جيان ڳاڙهيون پيون نظر اينديون هيون ۽ هاڻي ته سج کي لٿي ڪافي وقت گذري چڪو هيو.
گهڙي گذري ته موهن جو دڙو ايڪسپريس آئي ۽ ان ڪانپوءِ وري جڻ سڀ انسان سليماني ٽوپ پائي اوجهل ٿي ويا. ساڳيا ڪتا پليٽ فارم تي نوجهه نوجهه ڪرڻ لڳا. جماندار آيو، جنهن سيمينٽ جي فرش تي ٽوها گسائي دل ۾ نفرت ۽ ڪاوڙ ڏياريندڙ ڪٽڪٽايون پيدا ڪري ڇڏيون. ڪنگهه جو آواز ٿيو ۽ ڳاڙهن ڪپڙن وارو ڦلي، ربو چيلهه کي هٿ ڏيندو اچي آغا واري ڪتهڙي پرسان اسٽول تي ويهي رهيو. ٿڪاوٽ ڪري هو سجو سهڪي رهيو هيو ۽ هن جون واڇون ڪنن تائين ڦهليل هيون. هن ويني ويني اڇاترين ۽ بي جان نظرن سان ڦيريون آغا کي ڏٺو ۽ پوءِ ان جي نظرن جي سڌ ۾ بيٺل ڪاري پهاڙ کي، جيڪو ريلوي لائن ڪان پري سن ٿيو بيٺو هيو ۽ ائين ٿي لڳو جڻ ڪنهن ديو جي مميءَ کي اتي نسب ڪيو ويو هجي. ربوءَ دل ئي دل ۾ آغا کي گار وهائي ڪڍي. ذليل بي غيرت سجو ڏينهن وينو بابي کي ٿو ڏسي، هو دل ئي دل ۾ ڪڙهندو هن کي ڳالهائيندو ويو ۽ پوءِ نيٺ بيزار ٿي زور سان هن کي سڏيو، ”آغا“ هن چيو ۽ ڪائونٽر تي هلڪي مڪ وهائي ڪڍي، هن جي سڏ تي آغا ڪان چرڪ نڪري ويو ۽ هو سيءَ ۾ گلر جي ڏکڻ ڪري پيدا ٿيندڙ آواز جهڙو پٽڪو ڪري جاڳي پيو. هو سامت ۾ نه هيو ۽ هن محسوس ڪيو جيئن ربوءَ هن کي پنهنجيون ٻئي آڱريون اکين ۾ نوڪي ڪڍيون هجن ۽ هو پنيءَ پر لسي پليٽ فارم تي رڙهندو ويو هجي، هن جا پنا ڪرندا هجن ۽ رت جي هلڪي چيڙ چيڙ محسوس ٿيندي هجي.
”ڇا پيو سوچين آغا؟“ ربوءَ همدرديءَ گاڏڙ ڏک سان چيو.
”بس بس ڪجهه به نه.“ آغا ڪڪو وڪو ٿيندي وراڻيو. ”اهو ڪارو پهاڙ.“ هن ايترو چيو ۽ خاموش ٿي ويو.
”توکي وري ڪارو پهاڙ سڏي رهيو آهي، ائين نه.“ ربوءَ طنز ڪندي چيو ۽ پوءِ ڪجهه دير هو آغا جي منهن ۾ نهاريندو رهيو، اسٽال تي ٻرندڙ هيڊي بلب جي روشنيءَ ۾ آغا جي منهن ۾ گهنج حيرت جي حد تائين گهرا پئي لڳا. زندگي پر مسلسل سوچڻ ڪري هن جون واڇون چيپيل ۽ هيٺ ڇڪيل هيون. ربوءَ ڪجهه دير هن کي ڏٺو ۽ پوءِ هن جي من ۾ به نراسائي پرجي آئي.

”اڄ ڪلهه ائين پيو لڳي جيئن اهو ڪارو پهاڙ مون کي به پڪاريندو هجي.“ ربوءَ پهريون دفعو جهيڻي ۽ پياري آواز ۾ آغا سان ڳالهايو.
۽ آغا چڻ ڦاٽي پيو، هن جي من جا سڀ دريون ۽ دروازا اندر ۾ پيدا ٿيندڙ طوفان جي دٻاءَ ڪان ڪڙڪي سان کلي پيا، هو هميشه جيان پلٽجي پيو.
”ڏس نه ربو مان پورو ڏينهن اسٽال تي بيهي ڪتاب وڪڻان ٿو، سيٺ مون کي منهنجي مزدوري ڏئي حرارت بخشي ٿو جيئن مان وري جيئرو رهي ساڻس ڪم اچان.“ هو هميشه جيان جذباتي ٿيندي ڳالهائيندو ويو، ”آخرڪار مان بيهي بيهي حاصل ڇا ٿو ڪريان، پئسا، پوءِ ماني ۽ وري بيهڻ. اسين سڀ هڪ ڏينهن مري ويندا سين توکي مان ٻڌائي چڪو آهيان ته مرڻ کان پوءِ آهي ئي ڇا؟ هڪ مسلسل خلا آهي، جنهن کي بيان ڪرڻ هڪ جيئري انسان جو ڪم نه آهي ۽ نه ئي اهو مڙدن جي اختيار ۾ آهي ته هو پنهنجي گذريءَ کي اسان جي سامهون بيان ڪن، ته پوءِ هن مسلسل پيڙا ۽ روڳ جو مفهوم ڇا؟ مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿو اچي، ربو ڪجهه به سمجهه ۾ نه.“
آغا جي ڳالهين تي ربوءَ جي دل ۾ دٻيل خوف هڪ دفعو وري جاڳي پيو، هن کي آغا تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، آغا هن جي بيفڪر زندگيءَ ۾ ڏاڙو هڻي سڀ ڪجهه ڦري ورتو هيو. اسٽيشن تي آغا جي نوڪريءَ کان اڳ ان ئي اسٽال تي هڪ ڊگهيءَ ڏاڙهي وارو مولوي ملازم هيو، جيڪو هن کي روحاني ڳالهيون ٻڌائي خوابن جي دنيا ۾ گم ڪري ڇڏيندو هو. هن کي زندگي ۽ موت کان پوءِ جا تصور ڏئي مطمئن ڪري ڇڏيندو هو، ڪيڏي نه پُربهار ۽ بي فڪر هئي هن جي زندگي پر جڏهن کان آغا ان اسٽال تي آيو هو، هن ربوءَ کان سڀ ڪجهه ڦري ورتو هيو، جيئڻ جا سهارا ۽ موت کان پوءِ جا تصور. آغا مايوس ۽ دنيا جو ٺڪرايل انسان هيو، بقول هن جي هن کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به پيار نه مليو، هن جي دنيا ۾ ڪوئي به ڪو نه هيو، هو عشق کي بڪواس تصور ڪرڻ وارو شخص هيو. هو چوندو هيو ته ”عشق زندگيءَ جي حقيقتن تي سوچي مايوسي ۽ خودڪشي ڪرڻ کان لنوائڻ جو بهترين نسخو آهي، عشق هڪ سهڻو ڪوڙ آهي جيڪو پنهنجي حسين ۽ مڪار ٻانهن ۾ انسان کي نراسائي جي حقيقتن کان ڪجهه دير پناهه ڏئي پوءِ جلاد بڻجي پنهنجن ئي هٿن سان هن کي موت جي حوالي ٿو ڪري ڇڏي.“
آغا زندگيءَ جي هر شيءِ کان مايوس هيو ۽ هن جي مايوسي اتان ٿي شروع ٿي جتان هن مذهب جو ڪوڙو ڍڪ لاهي پاڻ کي بند ٿيل خول مان آزاد ٿي ڪيو.
”آغا“ ربو ٿڪل آواز ۾ چيو ”آخرڪار انسان جي جنم جو ڪو ته مقصد هوندو، هيءَ ڪائنات اجائي ته نه آهي؟ هيءَ حرارت بيڪار ته نه آهي؟ ڪو ته مفهوم هوندو جنهن جي زير اثر هيءَ هلچل ۽ ارتقا جاري آهي؟“ آغا ٽپي لوهه ٿي ويو، هن کي ٿڌ هوندي به گرمي محسوس ٿي، جان ۾ سيون چڀنديون محسوس ٿيون.
”هر شيءِ فاني آهي ۽ دنيا کي به هڪ ڏينهن ختم ٿيڻو آهي.“ آغا چيو ”دنيا ختم ٿي ويندي،

هر شيءِ خاموش ٿي ويندي، تہ پوءِ ربو تون سوچ، آخرڪار توکي ڇا ملندو، هن جدوجهد ۽ مسلسل پيڙا جو ڪهڙو ڦل ملندو، سچ تہ اهو آهي ارتقا ڦهلجندڙ بيماري آهي، جيڪا صدين بلڪ ڪروڙن سالن جي وچ ۾ ڦهلي پئي آهي، اها بيماري وڌندي وڌندي پنهنجو موت پاڻ مري ويندي، جيو گهرڙو بيوقوف هيو جنهن مختلف شڪلين ۾ اچڻ لاءِ ڪروڙن سالن کان جيئڻ لاءِ ايڏي جاکوڙ ڪئي، اڄڪي وڌندڙ زندگي باهہ مثل آهي، باهہ، جيڪا پنهنجو ڪاڄ پاڻ تي حاصل ڪري ۽ بي مقصد ڪروڙن سالن کان پنهنجي تَوءَ ۾ پاڻ پئي تي جلي.“ آغا ڳالهائيندو ويو ۽ ربوءَ جو اندر ڦاٽڻ لڳو، هن کي بخار محسوس ٿيو ۽ لڳو هو ٿوري دير بہ اتي ويهندو تہ الٽي ڪري ڏيندو.

ڪراچي ويندڙ ريل جا گاڏا ڏوپچي صاف ٿي چڪا هيا ۽ هو روزگار جي ڳولا ۾ اتي ڪلهي تي رکيل ڳاڙهو پوتڙو ڇنڊيندو اوڏانهن وڌي ويو.

هڪ ڏينهن ربو ڪم ڪار کان واندو ٿي آغا وٽ پهتو تہ آغا هميشہ جيان اداس بينو ڪاري پهاڙ کي ڇتائي رهيو هيو. ربوءَ اداسين ۽ اڪيلائين کان بيزار ٿي چرس جو سهارو ورتو هيو، هو پريل ڍلي سگريٽ مان سوٽا هڻندو ڪائونٽر وٽ اچي پهتو ۽ موج ۾ جهومڻ لڳو. هن کي آغا تي خار نہ اچي رهيا هيا، پر هو هن جي اداسيءَ مان مزو وٺي رهيو هيو.

ربوءَ جهومي سگريٽ مان سوٽو هڻي دونهون فضا ۾ ڇڏيو ۽ خيالن ۾ گم وينل آغا اڳيان ڪنڌ جهڪائي اوچتو لڳاتار ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن نشي ۾ اهو سڀ ڪجهہ چئي ڏنو، جيڪو هو چوڻ پيو چاهي. اهو سڀ ڪجهہ اهوئي هيو، جنهن تي هن کي هوش ۾ ڪاوڙ ايندي هئي. هو آغا کي بدمعاش ۽ ڏاڙيل ڪوٺيندو هيو پر ربوءَ اڄ آغا کي اهو سڀ ڪجهہ چئي ڏنو، جنهن جي آغا کي اميد هئي.

”آغا تون عظيم آهين، تون مون کي ڪوڙ ۽ خوشفهمين جي خول مان ڪڍي اداسين ۽ مايوسين جي حقيقي دنيا سان متعارف ڪري، زندگيءَ جي حقيقتن سان نوازيو آهي. مان هاڻي ڄاڻان ٿو تہ زندگي ڇا آهي؟ مان اندر ۾ هڪ مسلسل خلا محسوس ڪري رهيو آهيان. مان چاهيان ٿو تہ ان کي تو جهڙا ئي ارادا ڪري عملي صورت ۾ آڻي نجات حاصل ڪيان. مان چاهيان ٿو تہ زندگي کي هڪ دفعو سزا ڏيان ۽ تو جيان ان ڪاري پهاڙ تان ٽپي ڏيڻ جا خواب لهي لهي هڪ ڏينهن انهن کي تعبير ڏيان.“

هو لڳاتار خبر نہ آهي آغا اڳيان ڇا بڪيندو ويو.

ڪاري پوائنٽي انجڻ ڇنڊ ڪري رهي هئي ۽ ان هر هر سوساٽ ڪري ڪارو دونهون فضا ۾ ٿي ڇڏيو. سامهون بينل چانهن جي اسٽال پرسان ٻيا قلي ٻرندڙ باهہ جي نچندڙ الن تي هٿ سيڪي رهيا هيا، پرسان ئي دينو بابا ڪمبل ۾ منهن هنيو ويڙهيو اوڪڙو ٿيو وينو هيو ۽ نہ ڪٽندڙ ڪنگهہ جي دٻاءَ کان هر هر ڪنگهارا ڪڍي ٻاهر اڇلي رهيو هيو.

”پر مان اڄ ڪلهہ ٻيو ڪجهہ سوچي رهيو آهيان.“ آغا فڪر مند لهجي ۾ چيو، جنهن کان هن جو سڄو هٿ سختي سان سمجهائڻ واري انداز ۾ مٺي ڪجي وري هيٺ ٿي ويو.

”ڇا آغا! زندگيءَ جي ڏوڪي جو اڄان ڪو اهڙو حصو رهجي ويو آهي، جيڪو ان ڪاري پهاڙ ۽ اسان جي وچ ۾ بيٺل هجي؟“
آغا ڪاري پهاڙ ڏانهن ڏسندي جهٽڪي سان منهن ٻئي پاسي ڏانهن ائين ورايو جئين پهاڙ پنهنجو هٿ وڌائي پير ڪري هن کي ڳچي واري لپاٽ وهائي ڪڍي هجي.
”آءٌ سوچي رهيو آهيان، دنيا ۾ بدنام ۾ بدنام ۽ ذليل ۾ ذليل شي زندگي ئي آهي. جنهن اسان کي پيڙا ۽ دردن جي درياءَ ۾ ڦٽو ڪري عجيب بي چينيءَ کان آشنا ڪيو آهي. اهڙي ظالم شيءِ کي صرف هڪ دفعو بدلو ونڻ ڪتان جو انصاف آهي. مان اهڙي عمل جي ڳولها ۾ آهيان جنهن سان زندگيءَ کي مسلسل عذاب ۽ سزا ڏيئي ساڳيو بدلو وٺان، جيئن هاڻي تائين هن مون کي عذاب ڏئي هيستائين پهچايو آهي، شايد تون منهنجي ڳالهه نه سمجهي؟“ آغا ربوءَ ڏانهن نهاريندي چيو ۽ ربو سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جنهن ڪان هن جو ڪنڌ لاشعوري طور آغا ڏانهن وڌي آيو ۽ ڳچي ڊگهي ٿي وئي، ٿوريءَ دير ڪان پوءِ آغا وري ڳالهايو.
”منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته خودڪشي ڪري زندگيءَ کان بدلو وٺي ڇوٽڪارو حاصل ڪري ويندس، پر منهنجي اڳيان زندگي ڏينهن به ڏينهن وڌيڪ پوائتي ۽ ظالم جي حيثيت ۾ نروار پئي ٿيندي وڃي. ان لاءِ ايتري معمولي سزا موزون نه آهي، مان چاهيان ٿو جيئن هاڻي تائين مان سزا جي دور مان گذريو آهيان ائين ئي مان زندگي کي مسلسل سزا ڏئي مسلسل ڇوٽڪاري جي طرف وڌندو وڃان.“ ربوءَ هاڻي آغا جي ڳالهه سمجهي ورتي هئي، هو شروع ۾ وڏو جاهل هوندو هيو. هن کي آغا جي ڪا به ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي، پر پوءِ هن محسوس ڪيو آغا سان ڪچهرين کان پوءِ هن جي گرم دماغ ۾ جڳهه جڳهه تي سنهين سئين جهڙا سوراخ نهي پيا هجن، جن مان ٿڌو برف جهڙو پاڻي جذب ٿي هن جي پوري دماغ ۾ تحليل ٿيندو وڃي. هن آغا جي اسٽال جا ڪيترائي ڪتاب پڙهي ڇڏيا هيا ۽ اڄان به جڏهن هن کي وقت ملندو هيو ته هو اسٽول تي وينو ڪتاب پڙهندو هيو. پوري پليٽ فارم تي هڪڙو آغا ئي هيو، جنهن سان هن جي سني لڳندي هئي. هُو هن جو نظرياتي طرح ڪيترو به مخالف ڇو نه هيو پر پوءِ به هو آغا کي سنو ماڻهو سمجهندو هيو ۽ هن جي مطالعي جو داد ڏيندو هيو. باقي هُو هن جي سوچن جو قائل نه هيو ۽ ان ڏينهن به جڏهن هن نشي جي حالت ۾ آغا اڳيان پنهنجي اندر جا سڀ راز ظاهر ڪري رکيا ته هوش ۾ ايندي ئي هو ڳاڙهو ٿي ويو. هن جي مٿي ۾ دوزخ جي باهه ٻرڻ لڳي، جنهن کان هن جو ميجالو پلپلو ٿي ٻاهر نڪرڻ لاءِ لونڊڙين وٺان دهڪڻ لڳو. هن کي خدا ۽ رسول جو خوف ٿيو، هن محسوس ڪيو جيئن ڪو چماٽ هڻي هن کان سڀ ڪجهه کسي ويو هجي. هن هوش ۾ اچڻ سان آغا کي خوب گاريون ڏنيون ۽ پوءِ پنهنجو جهڪيل چيلهه کي هٿ ڏئي ڪنگهندو هليو ويو.
ربوءَ ڪجهه ڏينهن کان مسافرن جو سامان کڻڻ ڇڏي ڏنو هيو، هو ٿوڻي ته اصل کان هيو.

گاڏي ايندي هئي تہ هو وڌ ۾ وڌ هڪ مسافر جو سامان پليٽ فارم ڪان ٻاهر پهچائيندو هيو، پر هاڻي هو ڪم ڪرڻ ڪان صفا پڙ ڪدي بيهي رهيو هيو. گاڏي ايندي هئي تہ قلي پنهنجي ڏگها پٽڪا وچائي پنهنجي حد مقرر ڪري ڇڏيندا هيا. گاڏي بيهڻ ڪانپوءِ هر قلي پنهنجي حصي ۾ آيل گاڏي مان مسافرن جو سامان ڪٽي پيٽ گذر ڪندو هيو، پر ربو هاڻي انهن قلين کي نهاريندو رهندو هيو، جيڪي روز هن اڳيان سامان ڍوئيندا هيا ۽ پئسا ڪمائيندا هيا. صرف ان ڪري تہ ماني ڪائي وري سامان ڍوئين ربو بلڪل مايوس ٿي چڪو هيو. هن جي هوش ۽ حواس تي هاڻي آغا ڇائنجي چڪو هيو. هو پنهنجي هٿن ۽ ٻانهن کي زور ڏئي محسوس ڪندو هيو تہ اهي هن کي آغا جي ٻانهن جهڙا شانت ۽ سست محسوس ٿيندا هيا. هن جي من ۾ اجان بہ مذهب جو زخمي جسم عذاب ڪان ڇڙيون هڻي ڦٽڪي رهيو هيو. هن جي دل جي هڪ ڪنڊ ۾ اجان بہ جنت جي ٿڌي هوا گهلي رهي هئي ۽ ٻئي ۾ دوزخ جي ٻاهہ هن جي رت کي ٽهڪائي رهي هئي.

هو آغا سان پنهنجي پهرين ملاقات تي بيحد پڇتائي رهيو هيو. ان ڪري نہ تہ ڪو هو هن جي اندر ساڙيندڙ ڳالهين ڪان بيزار ٿي هن سان وڙهڻ جي حد تائين وڃي پهتو هيو پر ان ڪري تہ اها شروعات ئي هئي، جنهن هن کي هر مايوسيءَ ۽ نيستائيءَ سان روشناس ڪرايو هو. گهڻو اڳ جڏهن هو آغا جي اسٽال پرسان لنگهيو هيو تہ هن جي نظر هڪ مذهبي ڪتاب تي پئجي وئي هئي، هن ان کي پڙهڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. انهن ڏينهن ۾ هو ڪيئن بہ هيو پر خوش هيو. هن جي من کي ٻيءَ دنيا جو آٿت هيو، هڪ ٽيڪ هئي جنهن هن جي ڇيلهہ کي سڌو ڪري هن کي وڏيڪ بلند ڪري ڇڏيو هو، پر آغا هڪ ئي نوڪر سان هن جي سهاري کي ٽڏو ڏئي پري ڦٽو ڪيو. اڄ هن کي محسوس ٿي رهيو هيو تہ اها ٽيڪ واقعي ئي ڪوڙ جي ٽيڪ هئي، هن کي ياد آيو جڏهن هن پئسا ڏئي آغا ڪان اهو مذهبي ڪتاب خريد ڪيو هيو تہ آغا هڪ ڪائي ويندڙ نظر سان هن کي ڏٺو هيو ۽ هن آڏو ڪائونٽر تي ڪتاب کي ائين ڦٽو ڪيو هيو جيئن نانگ کي. جنهن کي هو ڪجهہ منٽ بہ جهلي ها تہ منڍي ورائي هن کي ڏنگي وجهي ها. اتان ئي هن جي آغا سان پهرين ملاقات ٿي هئي. هن کي آغا جي اها روش بلڪل نہ وڻي هئي تہ ڪو هو ڪنهن مذهبي ڪتاب جي ائين بيحرمتي ڪري، پر آغا موٽ ۾ هن کي اهو ڪجهہ ٻڌايو جنهن هن جي خوشفهمين ۽ خوشين جي لاش ۾ هزارين ميخون وهائي ڪڍيون.

”مذهب سهڻو ڪوڙ آهي، هڪ اهڙو ڪوڙ جيڪو سچ کي اڳتي هلائڻ لاءِ ڳالهايو ويو آهي، انسان جي هڪ پاسي دوزخ کي ٻڌو ويو آهي تہ ٻئي پاسي جنت کي. هن کي خوشفهمين ۽ دڙڪن جي هڪ سرنگهہ مان گذاري سچائيءَ جي وات تي هلايو ويو آهي.“

ربوءَ ڪاوڙ مان هن بي باڪ شخص کي ڏٺو هيو جيڪو سر عام قاتلن کي سڌي منڍي پيش ڪرڻ جي آڇ ڪري رهيو هيو.

”تنهنجي خيال ۾ تہ جنت ۽ دوزخ خوشفهمي ۽ دڙڪو آهي؟“ ربوءَ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿيندي

پاڻ کي هن آڏو ائين ظاهر ڪيو هيو جيئن هو هن سان وڙهڻ لاءِ تيار هجي.
”ها سڀ ڪجهه بڪواس آهي. انسان کي حقيقتن کان پري رکڻ لاءِ هٿ ٺوڪيا مسئلا پيدا ڪيا ويا آهن. خدا عظيم آهي ته پوءِ هو انسانن کي جنت جي رشوت ڇو ٿو آڇي. دوزخ جي ڌمڪي ڏيڻ جي هن کي ڪهڙي ضرورت آهي. حالانڪه ٻڌو آهي ته ڌرتيءَ جو هڪ پتو به هن جي قدرت ڪانسواءِ نه ٿو چري.“
ربو خاموش ٿي ويو هيو. هن وٽ ڇوڻ جون سڀ راهون بند ٿي ويون هيون. هن ايترو ئي چيو هيو ته ”مون کي اڄ خبر پئي ته خدا شيطان سان وڙهي غلطي ڪئي هئي، شايد هن کي خبر نه هئي ته جنهن تخليق جي ڳالهه تي هو شيطان سان وڙهي هن کي ناراض ڪري رهيو آهي اها تخليق به خود شيطان آهي.“
آغا جڻ آپي کان ٻاهر نڪري ويو هيو. ”ڪير ٿو چوي خدا آدم کي خلقيو، جاهل ماڻهو تنهنجو ارتقا ۾ ايمان نه آهي؟ انسان گهٽن جيو گهرڙن جي نه، پر هڪ جيو گهرڙي جي شروعات آهي.“
”ته پوءِ تنهنجي خيال ۾ قرآن ڪوڙو آهي.“ ربوءَ طنز ڀريل آواز ۾ چيو هيو.
آغا جوش ۾ ٿورو ٿورو ڏڪيو ٿي، ”شايد توکي اها خبر ڪو نه آهي ته پيغمبرن انسانن جي ڀلي لاءِ هڪ وڏو ڪوڙ به ڳالهايو هيو. هنن ڪجهه چڱائيءَ جون ڳالهيون لکي انهن جو بنياد دڙڪن ۽ خوشفهمين تي رکي، خدا ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو هيو. ڇو جو خدا جو رعب هر شيءِ تي حاوي آهي ۽ ان جو فرمان هر ڪو ايترو جلد اپنائيندو جيترو جلد هو ڪنهن پاڻ جهڙي انساني پيغمبر جو نڪرائي ها. ان ڪري نه ئي قرآن خدا جو فرمان آهي ۽ نه ئي خدا ڪوڙو آهي. آدم پيغمبرن جي تخليق آهي ۽ ويچارن پيغمبرن کي اڄ کان هزارين سال اڳ اها خبر ڪٿان آئي ته ڪو دنيا ۾ ارتقا جو به وجود آهي.“
ربوءَ سوچيو هيو، ”هن ڪر دماغ سان متو هٽڻ اجائي ڳالهه آهي، جيڪو ٿيڻو هوندو ٿيندو، خدا هن کي پاڻيهي پنهنجي ڏوهن جي سزا ڏيندو.“ ۽ هن آغا کي اهو چئي ڏنو هيو ”قبر ۾ جڏهن تنهنجي روح کي عذاب پهتا ته پوءِ توکي خبر پوندي سچ ڇا ٿيندو آهي ۽ ڪوڙ جي ڪهڙي حيثيت آهي.“
”مان روح ٻوح کي ڪو نه سڃاڻان منهنجي لاءِ آهي ته هيءَ زندگي جيڪا هڪ ڏينهن خودڪشيءَ تي ڪٽندي ۽ ان جو انت اچي ويندو. ٻي دنيا ۾ ايمان رکڻ پاڻ کي ڪوڙو آٿت ڏئي مايوسين کان بچڻ جو سنو بهانو آهي. انسان جي موت کي آسان بنائڻ لاءِ هن کي خوشفهمين جو نشو سنگهائي زندگي جي ڪنن ۽ بي مقصد راهن تان گذارڻ لاءِ بيڪار ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهو انسانن سان سراسر دوڪو آهي، انسان ٻيءَ زندگيءَ جا خواب ڏسندو، هن دنيا مان آسانيءَ سان گذري وڃي ٿو ۽ هن کي ڪجهه نه ٿو ملي. ان کان وڌيڪ انسانيت سان ظلم ڪهڙو آهي؟ زندگي ڪيتري به ڪنن ڇو نه هجي، سنائي ان ۾ آهي ته ان کي پنهنجي اصلي روپ ۾ پيش ڪيو وڃي، پوءِ چاهي نراسائي جون ڪيتريون به

شعائون ڦٽي چو نہ نڪرن.“
ربو پنهنجي ماضيءَ تي سوچيندو ويو، هن کي محسوس ٿيو هن جو اندر خالي خالي هجي. ڪو ظلم شخص آيو هجي ۽ ان پر ڪري هن جي جسم تي چاقو وهائي ڪڍيا هجن. ان عذاب کان هو آنرجي ويو هجي ۽ صدين کان چڙهيل پنڪين مان چرڪي ٻاهر نڪتو هجي. جيئن هو لٽيل قافلي جو مسافر هجي. جنهن وٽ راهه هلندي ڪجهه بہ نہ هجي پر پوءِ بہ هن وٽ اهو احساس هجي تہ ڪو هن کي لٽي ويو آهي.
ربوءَ جون اکيون ٻوٽيون ئي ويون. هو چنبڙ ڪري دونهون فضا ۾ ڇڏيندڙ انجڻين جي آوازن کان بيزار ٿي چڪو هيو. چرس جا ڪجهه خمار اجان بہ هن تي چڙهيل هيا. اسٽيشن تي بيل وڳو، شايد گاڏي اچي رهي هئي، هر ڪو قلي پنهنجي ڳاڙها پوتڙا ڇنڊي اٿيو، پر ربو اتيئي پليٽ فارم تي ڍير ٿيو پيو هيو، هن کي ڪڏهن جو ننڊ اچي چڪي هئي.
صبح ٿيو تہ هو ننڊ مان اٿيو ۽ هن ڪاري پهاڙ کي نهارڻ شروع ڪيو، هاڻي اهو هن جو معمول بڻجي ويو. هو جڏهن بہ واندو ويٺو هوندو هيو تہ ان ڪاري پهاڙ کي پيو نهاريندو هيو.
ان رات ٿيل جهڳڙي کان پوءِ هن جي آغا سان ملاقات نہ ٿي هئي، هاڻي آغا وٽ هن کي ڏيڻ لاءِ رهيو ئي ڇا هيو. هن تہ ربوءَ ڏي اهو سڀ ڪجهه منتقل ڪري ڇڏيو هيو، جيڪو هن جي اندر ۾ هيو. مذهب کان بغاوت ۽ مايوسيون ئي مايوسيون. هن ربوءَ کي هڪ بلند پهاڙ تي چاڙهي ڇڏايو هيو تہ هي جيڪو سفر تون پهاڙ تي چڙهي بسر ڪيو آهي، اهو ئي زندگي آهي ۽ هي جيڪو تون پهاڙجي بلندين تي پهچي نظر جي حد تائين اونڌيرا ڏسي رهيو آهين، اها ٻي زندگي نہ آهي، بس اهي اهي آهن جيڪي تون پسين ٿو، اونڌيرا ۽ صرف اونڌيرا. تنهنجي پهاڙ چڙهڻ جي جدوجهد ان ٻيءَ دنيا کي حاصل ڪرڻ لاءِ نہ هئي پر هيٺ پستين ۾ ٽپي ڏيڻ لاءِ هئي، ور وجهہ ۽ هن پهاڙ جي بلندين تان پاڻ کي پستين جي حوالي ڪري ڇوٽڪارو حاصل ڪر.
ربو ڪيترا ڏينهن پريشان حال پليٽ فارم تي چڪر هڻندو رهيو، هن ڪيترائي دفعا ڪاري پهاڙ کي ڏٺو ۽ تصور ئي تصور ۾ پاڻ کي پهاڙ جي بلندين تان ڪرندي تڏي هوا محسوس ڪئي ۽ هوا جي ڪري ڪنن ۾ سيٽيون پوءِ هن پاڻ کي رت ۾ لت پت پٽرائين زمين تي پاتو ۽ نہ وسرندڙ ڇوٽڪارو هو ڪڏهن ڪڏهن ڪنڊ ورائي آغا کي بہ ڏسندو هيو، جيڪو ڪائونٽر تي هٿ جي سهاري سر جهڪايو ڪا نئين ڳالهہ سوچيندو هيو، آغا هاڻي ڪاري پهاڙ کي نهارڻ ڇڏي ڏنو هيو، شايد زندگي هن اڳيان وڏيڪ ظالم ۽ بي درد جي روپ ۾ ايري آئي هئي. هو ان کي خودڪشيءَ جهڙي معمولي سزا نہ پيو ڏيڻ چاهي. هو ان لاءِ اهڙي پوائتي سزا تجويز ڪري رهيو هيو جهڙي هن پاڻ تي برداشت ڪئي هئي. هو اهڙي عمل جي ڳولا ۾ هيو، جيڪو زندگيءَ کي مسلسل عذاب پهچائي ان کي مسلسل ڇوٽڪاري طرف اڳتي وڌائي. ربو آغا ۾ وڌيڪ ڦاسڻ نہ پيو چاهي. هن کي آغا جي نئين

عمل سان ڪا بہ دلچسپي نہ هئي. هن پاڻ کي بس ڪاري پهاڙ تائين محدود ڪري ڇڏيو. ربوءَ روز اسٽيشن تي آيل مال گاڏين جا نمبر پڙهڻ شروع ڪري ڏنا هيا، هن کي اهڙي نمبر جي ڳولا هئي جنهن ۾ صرف چار انگ هجن ۽ هو ان نمبر کي ڏسي پاڻ کي ڪاري پهاڙ جي حوالي ڪري ڇڏي، پر هر آيل مال گاڏي تي پنج انگ هوندا هيا يا پنجن کان مٿي. باوجود ربوءَ جي ڪوشش جي هو اهڙي نمبر کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ويو جيڪو هن کي زندگيءَ جي مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏياري سگهي. موت تي متفق ٿيڻ جي باوجود هو پاڻ کي ان عمل لاءِ تيار ڪري نہ سگهيو هيو. هن پاڻ کي تيار ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا ڳولي ڪڍيا هيا، هو يا تہ گاڏين جا نمبر ڏسندو هيو يا اسٽيشن تي بيٺل ماڻهن مان هو هڪ کي چونڊي دل ۾ اهو سوچي ان تي نظرون ڄمائي ڇڏيندو هيو تہ جيڪڏهن ان شخص آغا جي اسٽال تان ڪتاب خريد ڪيو تہ هو خودڪشي لاءِ تيار ٿي ويندو. پر هن جو چونڊيل شخص آغا کان ڪڏهن بہ ڪتاب نہ وٺندو هيو ۽ هو جڪ ڪائي ڏند پيڪوڙي چپ ٿي ويندو هيو. آخرڪار هڪ ڏينهن هن فيصلو ڪيو تہ ڪيئن بہ ڪري هو پاڻ کي هن زندگي کان نجات ڏياريندو، هن بي مقصد زندگي کي عذاب ڏئي سيني عذابن کان ڇٽي پوندو. ان ڪم لاءِ هن قبرستان جي پر وارو سگنل چونڊيو. جيڪو صبح جي ڪوهيڙي ۾ هوا ۾ ڪهاڙيءَ جيان بلند ڏسڻ ۾ ايندو هيو ۽ رات جو ان جي ڳاڙهي سائي روشني جڻ آدم خور جي چمڪندڙ اکين جهڙي پئي محسوس ٿيندي هئي. هن سوچيو، صبح سان جيئن ئي گاڏي جو ٽائيم ٿيندو تہ اهو سگنل هيٺ ٿي هن کي سيني بي مقصد ڳالهين کان نجات ڏياري ڇڏيندو. ربو ان سگنل ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ ان جي هيٺ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ٻانگون ڪڏهن جو ملي چڪيون هيون ۽ جماندار پليٽ فارم تي ڦهليل سگريٽ جا پاڪيٽ ۽ ٽوٽڪا ميڙي رهيو هيو. بابو دينو ڪمبل سوري ڪڏهن جو جاڳي پيو هيو ۽ هن هر آيل مسافر آڏو هٿ وڏائي ساڳيا جملا پئي چيا، جن ۾ زندگيءَ جهڙي هڪ جهڙائي هئي. ڳالهائڻ ڪري هن جي وات مان هر هر ٻاڦ ٿي نڪتي. جانو چانهن وارو، اسٽال تي وينو ڪوپ ڌوئي رهيو هيو ۽ آغا هڪ گراهڪ سان پئي ڳالهايو. ڪاري انجڻ صبح جي هير جيان دانهون ڪندي هڪڙي پاسي ڏانهن هلي وئي ۽ ان جو دونهون ڪيتري دير اڀ ۾ رات ناهي بيهي رهيو. ربوءَ جون اکيون اجان بہ سگنل ۾ هيون. اڄ هن پڪو پهہ ڪيو هيو تہ هو ڪيئن بہ ڪري پاڻ کي ڪاري پهاڙ آڏو ضرور پيش ڪندو. هن نظر ڦيرائي سنسان پليٽ فارم تي نهاريو، هن کي تصور ئي تصور ۾ ڪيترائي انسان نظر آيا، جيڪي وسندڙ مينهن ۾ ڇٽيون ڪٽي بينا هيا ۽ ڳوڙها ڳاڙي ويندڙ ريل جي مسافرن کي هٿ لوڏي خدا حافظ چئي رهيا هيا.

ربوءَ سمجهيو شايد دنيا هن کي الوداع چوندي هجي، هو ڪنهن ريل ۾ ويهي دريءَ جي شيشي کان ٻاهر بيٺل انسانن کي ڏسندو هجي. وسندڙ مينهن ڪري شيشن مٿان وهندڙ پاڻيءَ ۾ هر شيءِ ڏنڌلي ۽ خوفناڪ هجي، هو ڏور ٿيندو ويندو هجي، ڏور انسانن کان

ڏور.

اسٽيشن تي بيل وڳو ته ربو ٽڏ هوندي به پگهر ۾ پسي ويو. هن جا لڳ هلڪا ٿي ويا، مسافر پنهنجو سامان کڻي گاڏيءَ لاءِ تيار ٿي بيٺا ۽ ربو ائين ئي بي سڌ وينو رهيو، هن کي لڳو ريلوي لائن جي پريان بيٺل پهاڙ پنهنجي اندران به ڪاريون ٻانهون ڪڍي هن ڏانهن وڌايون هجن، اهي ٻانهون ڊگهيون ٿينديون هن جي چيلهه جي چوڌاري ڦرنديون ويون هجن، هن بي سڌ پاڻ کي ڍلو ڇڏي ڏنو هجي ۽ ڪا به جدوجهد نه ڪئي هجي.

هن ڏنو سگنل هيٺ ٿي چڪو هيو ۽ هن جو روح به اڏ ٿي ويو، جڻ پورو سگنل هيٺ ٿي هن جي مٿي وٺان گهڙي جسم ۾ لهي ويو هجي ۽ هو به ٽڪر ٿي ويو هجي، هن پاڻ کي بلڪل تيار ڪري ڇڏيو ۽ هو بي مقصد زندگي کي عذاب ڏئي چوٽڪاري لاءِ اٿي بيٺو. ان ڏينهن هن واقعي ئي پاڻ کي سزا ڏئي ڇڏي، هڪ مسلسل ۽ چوٽڪارو ڏيارينڌڙ سزا.

گاڏي بيهڻ ڪانپوءِ هو چئن مسافرن جو سامان کڻي چنگهندو اسٽيشن جي دروازي ڪان ٻاهر اچي رهيو هيو.

هن آغا جي نئين عمل کي ڳولي لڌو هيو.

# ڪافر ديوتا

تيشي جي آواز سان واديءَ ۾ پڙاڏو ٿي پيدا ٿيو. هن کي ان پهاڙ جي چوٽيءَ تي ڪم ڪندي هڪ مهينو گذري چڪو هيو، ڪم ٻه ڇا هيو؟ بس هو خدا کي خلقيندو هيو. خدا جيڪو هن جي ڇيڻي ۽ تيشي هيٺان زير تعمير هيو. هو سنگتراش هيو، عظيم سنگتراش. جنهن جو فن ڏسي هر ڪو اهو اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏيندو هيو ته اهو فن ڪنهن انساني عقل جي تخليق آهي، ان فن جي پويان ڪنهن آدم جو تيشو استعمال ٿيل آهي. هن جي هر تخليق عظيم هوندي هئي ان ۾ حقيقت جو رنگ رچيل هوندو هيو. هو ڪائنات جي هر شيءِ کي پنهنجي فن جو رنگ ڏيئي نئين روپ ۾ پيش ڪندو هيو. هن جي ذهن ۾ هئي ته هڪ ڳالهه، هو متاثر هيو ته هڪ شيءِ مان اها هئي، خود انسان جي تخليق، خوبصورت انسان. هو سوچيندو هيو ته آخرڪار اهو تخليق ڪار پاڻ ڪيترو نه بلند هوندو، ڪيترو نه عظيم ۽ خوبصورت هوندو، جنهن انسان جي تخليق ڪئي، جيئندي جاڳندي ڳالهائيندي تخليق، ڇا ان جهڙو ٻيو ڪو فنڪار ٿي سگهي ٿو؟ اهڙو سنگتراش ٿي سگهي ٿو جيڪو پٿر ۾ ايڏيون حقيقت جون ريکائون پري جنهن ۾ مٽي کي چڪرائڻ جهڙا راز سمايل هجن ته اهو ڪير آ جنهن اهڙي فن جي تخليق ڪئي ڇا اهو خدا آهي؟ هن سوچيو، جنهن جو فن اهڙو خوبصورت آهي اهو پاڻ ٻه ضرور خوبصورت هوندو. هو ڪائنات جي رنگن ۾ ڪوئجي پنهنجي فن جا عڪس تلاش ڪندو رهيو. هن سوچيو ڇا هو پنهنجي فن ذريعي اهڙو ڪٺڪ جو داٽو ناهي سگهي ٿو، جنهن ۾ ساڳيو رنگ هجي حقيقت هجي ۽ وڏي ڳالهه اها ته ان ۾ ساڳي رمز رکيل هجي. نه ڪڏهن ٻه نه هو اهو سوچي مايوس ٿي ويندو هيو ته آخرڪار هو اهڙو ڪٺڪ جو داٽو نه ٿو ناهي سگهي، پر اهو ڪيڏو نه عظيم فنڪار هوندو جيڪو هڪ ئي وقت لاتعداد ڳٽت ڪان پري ڪٺڪ جا داٽا ناهي پنهنجي عظيم هجڻ جو ثبوت ٿو پيش ڪري. سنگتراش کي ڪائنات ۾ هر تخليق پنيان عظيم فن نظر آيو، هو ان فن ڪان متاثر هيو ۽ هو ڄاڻيندو هيو ته ان فن جو تخليق ڪار خدا ڪان سواءِ ڪا ٻه هستي نه ٿي ٿي سگهي.

خدا جي فن ڪان متاثر ٿي هن پنهنجي تصور ۾ هڪ تصوير ناهي، خوبصورت تصوير، خدا ضرور ائين هوندو، نيٺ ته هن جو ٻه وجود هوندو، هن جا ٻه احساسات هوندا، جن جي زبردست پنهنجي تصور کي عمل جو جامو پهرائيندو هوندو. هن پنهنجي تصور ۾ خدا جو چهرو ناهيو ۽ هن اهو پڪو پهه ڪيو ته هو پنهنجي ذهن ۾ ناهيل خدا جي آئيڊيل تي پنهنجو پرپور فن آزمائيندو هو عظيم خدا جي چهري ۾ حقيقت جون ريکائون پري ڇڏيندو، هو ان جي چهري ۾ عظمت ۽ وقار جا نقشا ڇٽيندو پر هن جو ذهن هڪ حد تائين

سوچيندي مائوف ٿي ويو. هن جو ذهن انسان جي خوبصورتيءَ ڪان اڳتي ڪو تصور ڪرڻ لاءِ ناڪافي هيو. هن کي انسان جي سونهن ۽ وقار ڪان اڳتي ڪجهه ڏنڌلا عڪس نظر آيا جن جي حقيقت ڪائنات جي سونهن اڳيان ڪجهه بہ نہ هئي. هو خدا کي ناهڻ پيو چاهي پر هن جو تيشو پٿر مٿان انساني سونهن کي جڳهه پيو ڏئي، دنيا جو ڪو بہ آئيڊيل انساني سونهن ڪان ناياب ڪين آهي، ڪهڙو بہ حسين تصور هوندو، اهو انساني سونهن تائين محدود هوندو، پر انساني سونهن لامحدود آهي. انساني سونهن ڪان اڳتي سوچڻ ذهنيت جو زيان آهي، جنهن جي ڪا بہ حقيقت نہ آهي ۽ هن بہ خدا کي انسان جي روپ ۾ ناهڻ شروع ڪيو، هڪ عورت جي روپ ۾، جنهن اڳيان دنيا جون سڀيئي خوبيون سڄ اڳيان باهہ مثل آهن.

سنگتراش مٿي تي هٿ ڦيرائي پنهنجي نرڙ تان پگهر صاف ڪيو ۽ هن ڪنڌ ورائي آس پاس خوبصورت دنيا جو جائزو ورتو، جيئن هو فنڪار جي تخليق ۾ پريل رنگن مان هن جي حقيقت معلوم ڪري مالڪ ۾ اهڙو عڪس چٽي، جهڙا هن جا خوبصورت تصور آهن. هن اولهہ طرف ڪنڌ ڪڍي ڏٺو، آسمان ۾بيٺل ڪنڊ تي سج جا ڪرٽا هن جي اکين سان ٽڪرايا، اولهہ طرف بيٺل پهاڙ هن کي ڪارا ۽ ڏنڌلا نظر آيا، جن جي پاسن تي پونڌڙ شام جي ٻڏندڙ زرد هيڊي سج جا ڪرٽا پاڻيءَ ۾ نظر ايندڙ چنڊ جي عڪس جيان جهرمر ڪري چمڪي رهيا هئا، يا ان عورت جي خوبصورت ڳاڙهن چپن سان ٽڪرائي موٽ ڪائيندڙ، ستارن جيان جهرمر ڪندڙ لاٽ جيان ٿي نظر آيا، وري هن ڪنڌ ورائي اتر طرف نهاريو جتي هڪ خوبصورت پهاڙن جي دامن مان ور وڪڙ ڪائيندڙ ندي هئي جنهن جي ڪنارن تي گهاٽا ۽ بلند شيشم جا وڻ هيا، جن جي ٿڌي ڇانو ۾ هينان ڦٽيل گهاٽو ۽ سائو گاهہ هيو. سنگتراش هڪ دفعو وري اوپر ڏانهن نهاريو، هيڏو ديو جيڏو بند پهاڙ ٻرندڙ جبل جنهن جي چوٽيءَ مان ڪارو دونهون فضا ۾ بلند ٿي رهيو هيو. هن سوچيو ڪيئن نہ رنگ آهن هڪ ئي دنيا ۾ هڪ ئي وقت خوفناڪ منظر ۽ اتي ئي وري خوبصورت دل ڇڙائيندڙ اونهاري ۾ ٿڌي ۽ مني پاڻيءَ جهڙا منظر. سنگتراش ڪائنات جا رنگ چوندي پٿر ۾ پريندو رهيو، هن پهاڙ جي آس پاس بيٺل ڳاڙهن، هيڊن ۽ اڇن گلن مان رنگ چونديا، نيري عرش مان نظارا ان ۾ پريا، هن پٿر کي چاندوڪيءَ سان شنان ڏنو، پنهنجي پگهر ۾ جذب ٿيل سورج لاٽن سان هن پٿر جو منهن ڌئاريو ۽ هن جو عظيم خدا جلد از جلد پنهنجي آخري مرحلن ۾ پهچي ويو. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ هن جي اڳيان خدا جو ناهيل تصور پٿر جي سطح تي هوندو، عظيم خدا جنهن ۾ عورت جي سونهن ۽ صورت هوندي، عظيم ڪائنات جا سوين رنگ هوندا.

سنگتراش پنهنجي ڇيڻي مٿان هٿوڙي کي هڻي، پٿر تي گهمائيندو رهيو، ننڍڙيون ننڍڙيون پٿر جون ڇٽڙيون خدا جي جسم تان اڏري هيڏي هوڏي منتشر ٿينديون رهيون، سنگتراش جي چهري تي هڪڙا رنگ ايندا رهيا تہ ٻيا ويندا رهيا، جهڙي نموني سان هن

جا هٿ حرڪت ڪري رهيا هئا، اهڙي ئي نموني هن جي چهري تي تاثر رقص ڪري رهيا هئا. پگهر پريل چهري تي ڪڏهن نرڙ ۾ گهنج ته ڪڏهن نڪ وٺان شروع ٿي وات ڪي ويڙهيل چهري جا چير، اکيون اڌ کليل ته ڪڏهن پوريون، هو پنهنجي ڌن ۾ مگن ئي هيو ته اوچتو ڇيڻيءَ تان تيشو ٿڙي هن جي آڱر ۾ وڃي لڳو، زخم مان تازي رت رسجي ٻاهر نڪري بيهي رهيو، سنگتراش ٿوري دير مرڪيو ۽ پوءِ هن پنهنجي زخمي آڱر خدا جي چپن تي گسائي. خدا جا چپ ڪنوار جي جوڙي جيان ڳاڙها لال ٿي ويا، انهن ۾ لڪيل مرڪ وڌيڪ گهري ٿي ويئي، سنگتراش اڃان هن جي چپن کي نهاري ئي رهيو هيو ته هن جي ڪنن تي آواز پيو، جنهن ڪان هن جو چرڪ نڪري ويو، ”او سورج ديوتائون اسان تي پنهنجي ٻاجهه ڪر، اسان کي پنهنجي ڏمر کان هميشه پاسي رک، ڪاري رات کي نصيحت ڪر جيئن اها اسان کي ڪڏهن نه ايذائي. او سورج ديوتا!“

پهاڙين جي پويان بستيءَ مان اهو آواز بلند ٿي سڄيءَ واديءَ ۾ ڦهلجي ويو، سڀ نظارا وجد ۾ اچي ويا، اولهه طرف ڪجهه منٽ پهريائين حسين عورت جي چپن جيان چمڪندڙ پهاڙيون صرف انڌيرو عڪس ٿي نظر آيون، جن جي پٺيان ڳاڙهو گول سورج ٻڏڻ جون تياريون ڪري رهيو هيو، اوڀر طرف ٻرندڙ جبل تي پوندڙ سورج جون نارنگي شعاعون اڃان پئجي رهيون هيون، اتر طرف شيشم جا ساوا وڻ وڌيڪ گهاٽا ٿي نظر آيا، نديءَ جي شفاف پاڻيءَ ۾ اوندهه پنهنجو واسو ڪرڻ لڳي، سنگتراش جي آس پاس بيٺل ڳاڙها، اڇا ۽ هيڊا گل مرجهائجي چڪا هيا. هو ڪجهه گهڙيون بستيءَ مان اٿندڙ ان آواز کي ٻڌندو رهيو، شايد قبيلي وارا عادت موجب ٻڏندڙ سورج اڳيان سجدا ڪري دعا گهري رهيا هئا، سنگتراش ڪنڌ ورائي ڳاڙهي پيلي سورج کي ڏٺو، هن کي يقين نه آيو ته اهو خدا آهي، ڀلا خدا به ڪڏهن مرجهايو آهي؟ خدا به ڪڏهن ٿڪيو آهي؟ خدا به ڪڏهن رنگ بدلايا آهن؟ خدا به ڪڏهن هٿ سان اوندهه آندي آهي؟ نه بلڪل ن خدا اهڙو بدصورت نه ٿو ٿي سگهي، سورج خدا نه آهي. سنگتراش پنهنجو ڪنڌ پٿر جي بت ڏانهن لاڙي ڇڏيو، هن کي ان ۾ خدا جو هر عڪس نظر آيو سواءِ ٿوري ڪميءَ جي جيڪا ڪجهه ڏينهن اندر ان بت ۾ پوري ٿيڻ واري هئي.

آخرڪار اهو ڏينهن به اچي ويو جڏهن سنگتراش آڏو هن جي خدا جو تصور هڪ بت جي روپ ۾ هيو. هن جي فن جو حسين شهپارو ڏسي جڻ ڪائنات مان ڪتڪتايون نڪري ويون. اتر کان وهندڙ نديءَ جي پاڻيءَ ۾ جيئن لرزش اچي ويئي، هر شيءَ ڪند ٿي ويئي، حيران ٿي ويئي، سنگتراش جي چهري تي مرڪ وري آئي ۽ هن گوڏن ڀر ويهي عظيم خدا جي حضور پهريون سجدو ڪيو، جيڪو هڪ سچي ڏينهن جو هيو، اهو شاهڪار سنگتراش جو واقعي ئي ڪمال هيو، هڪ ڀرپور حسين عورت جو جسم هيو، بلڪل جيئرو، ڄاڻ ته روح پيل اٿس، گول ۽ خوبصورت چهري تي مرڪ پاڻ ته ڄاڻ ٺهڪ ڏيئي کلي پيئي، ڇاتين جو اڀار، سنهڙي چيلهه، جنهن تي مٽي کان ايندڙ ڪريل وار، ڊگهو قد،

گول ٻانهون، پٿر جي اکين ۾ چمڪ، بلڪل جيئري جاڳندي تصوير جي ڪو ماڻهو پهاڙ تي پهچي وڃي ته ان حسين شهپاري کي بت بدران جيئري عورت سمجهي ويهي، جيڪا پنهنجي هڪ هٿ ۾ نور جا ستارا ڪنيو بيٺي هئي بلڪل پر وقار ۽ عظيم.
اهو بت سنگتراش جو عظيم ڪارنامو هيو، خدا سان هن جي سچي محبت جي گواهي هيو. هن خدا جي تصور ۾ ڀرپور ڪوئجي، اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو هيو. سنگتراش پنهنجي فن تي پاڻ حيران هيو. جيتوڻيڪ هن جي دل جي ڪنڊ ۾ هڪ خيال پاسا ورائي هن کي بي چين ڪري رهيو هيو، هن کي چئي رهيو هيو ته اڃان ان خدا جي عڪس ۾ هزارين ڪميون آهن پر تڏهن به هو پنهنجي عقيدت تي خوش هيو. هن ڪوشش ڪري پنهنجي تصور کي حقيقت جو روپ ڏنو هيو، جيڪو ڀرپور طرح ان بت ۾ موجود هيو.
سنگتراش کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ملي چڪو هيو، هن خدا کي تلاش ڪرڻ چاهيو هيو پر خدا جو هڪ رنگ اڄ هن آڏو پٿر ۾ موجود هيو. هن ڪائنات جي حقيقت مان روح چورائي هن جي جسم ۾ وڌا هيا، سنگتراش ان بت جي پوڄا ڪندو رهيو. هن کي پنهنجو مالڪ ملي چڪو هيو، جنهن انسان جي تخليق ڪئي، انسان کي سهڻو روپ بخشيو. هن جي بت ۾ چرپر ۽ مرڪڻ جي سگهه پيدا ڪئي، پر سنگتراش جو خدا جيڪو چرپر ڪان قاصر هيو. هن ۾ صرف مرڪڻ جي سگهه هئي، بي انتها مرڪ وڏي حياتيءَ واري، جنهن کي جيستائين پاڻ نه مرجهايو وڃي.
صبح ٿيو ته هڪ دفعو وري بستيءَ مان ساڳيو آواز گونجيو "او سورج ديوتا ......."
سنگتراش سجدي مان اٿي هڪ دفعو وري ان آواز کي ٻڌو. هن ڪنڌ کڻي اوپر طرف نهاريو صبح جو سورج ڪَر ڀڃي جاڳي پيو هيو. بستيءَ وارا وڏي آواز سان هن آڏو دعا گهري رهيا هئا، هن سورج ڏي ڪو به ڌيان نه ڏنو ۽ هڪ دفعو وري هن خوبصورت بت جي چهري ۾ پنهنجيون اکيون کپائي ڇڏيون. بت جو خوبصورت چهرو جنهن تي اڀرندڙ سورج جا هلڪا ناسي ڪرڻا پئجي رهيا هئا، هن جو سڄو چهرو پيلو ٿي ويو هو، هن کي بت جي ڳاڙهن چپن جي مرڪ اجهامندي محسوس ٿي، هن کي ائين محسوس ٿيو جيئڻ جاڻ بت ۾ چرپر ٿي، هن جا چپ جاڻ چريا، جيئڻ هن جو خدا هن سان ڳالهائڻ لاءِ بي قرار هجي، پر بت نه ڳالهايو. سنگتراش جي چهري تي حيرت ڇائنجي ويئي. هن کي سمجهه ۾ نه آيو ته آخر ائين ڇو ٿيو ۽ خدا جي چهري تان مرڪ ڇو هلڪي ٿي ويئي.
ڇا خدا سچ پچ اهو خدا آهي جنهن کي مون تصور جو روپ ڏنو؟ ڇا خدا هر انسان جي اندر ۾ وسيل آهي؟ سيني انسانن جا اندر هم خياليءَ سان ڀرپور آهن؟ نه ائين نه آهي. ڪائنات جي سيني تي وسندڙ هر انسان جي اندر ۾ خدا جا سمايل عڪس مختلف آهن، ها مختلف، اڃان سنگتراش سوچي ئي رهيو هيو ته هڪ دفعو بستيءَ مان وري ساڳيو آواز گونجيو "او سورج ديوتا ......." ۽ سنگتراش کي پڪ ٿي ويئي ته خدا جو هڪ روپ نه آهي، هر اندر ۾ هن لاءِ مختلف تصور آهن.

جيئن ڏينهن گذرندا ويا خدا جي بت ۾ هزارين تبديليون ايندي ويون، جيئن سنگتراش جي عبادت هن ۾ روح ڦوڪيندي هجي، بت جي چهري ۾ حقيقت جون ريکائون ڏينهون ڏينهن نروار ٿينديون ويون. سنگتراش کي ائين محسوس ٿيو جيئن بت ڄاڻ ڳالهايو وقت سان گڏ هن ۾ ڳالهائڻ جون صلاحيتون جمع ٿينديون ويون.
عبادت وقت سنگتراش کي ائين محسوس ٿيندو هيو، جيئن هزارين دليون هڪ ئي وقت بت آڏو سجدو ڪنديون هجن. جيئن خوبصورت دليون ننڍن ٿالهن ۾ ڳاڙها گل ڪٽي بت مٿان نڇاور ڪنديون هجن. هلڪا هلڪا گهنڊ وڄندا هجن، ڇير جو ڇمڪو ٿيندو هجي، رقص ڪري ٿڙڪندڙ دلين جا جسم ورو ڪڙ ڪائيندا هن آڏو لنگهندا هجن. خدا جو بت هنن کي هٿ ڏڳهيڙي آشيرواد ڏيندو هجي. سڀ گهنڊ هڪ زوردار آواز سان وڄي هلڪا ٿي ويندا هجن ۽ سڀ دليون سهڪنديون لڙڪڙائينديون خدا آڏو سرنگون ٿي وينديون هجن، پر ائين ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿيو. اهي صرف سنگتراش جا وهم هيا، هن جي دل ۾ خدا لاءِ سمايل محبت ۽ عقيدت جي رنگ ڍنگ جو مليل فڪر هيا، هن کي پنهنجي فن جي منزل ملي چڪي هئي، هاڻي هن اڳيان ڪو بہ مسئلو نہ هيو سواءِ عبادت ڪرڻ جي خدا کي خوش ڪرڻ جي.
سنگتراش کي بستيءَ جي رهاڪن تي رحم ايندو هيو، هن کي انهن جي بيوقوفي ۽ ڪوڙي خدا تي ڪل ايندي هئي، بيوقوف انسان ڪيئن نہ ٿا پنهنجي عظيم ذهنيت کي گندو ڪن، آخرڪار هنن کي ان ٻرندڙ گولي ۾ هٿ ڇا آيو آ، جنهن جي ڪري هو ان کي سجدو ڪن ٿا؟ سنگتراش جي دل چاهيو تہ هو بستيءَ وارن کي سڄي ڪائنات جي اصلي خدا سان متعارف ڪرائي، هو انهن کي حقيقت جو رستو ڏيکاري پر هو اهو سڀ ڪجھ نہ ڪري سگهيو، ڇو جو هن کي خبر هئي تہ انسان هٺ ڌرم آهي، قدامت پسند آهي، هو پنهنجي ضد اڳيان حقيقت کي ڪا بہ ترجيح نہ ڏيندو آهي، هو پنهنجي ڪوڙي شيءِ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي تصور ۾ نهيل حقيقت جي ڪفن کي تنگ ڪري سچ جي لاش جا هڏا ڇوري ڪري وٺندو آهي، سنگتراش کي خبر هئي تہ انسان لوهہ وانگر آهستي آهستي ڇهو ٿيندو آهي وقت سان گڏ خدا جي بت ۾ زندگيءَ جا تاثر گهرا ٿي ويا، هن جي لسن ۽ خوبصورت ڳٽن ۾ خون جي گردش شروع ٿي چڪي هئي، هن جي وارن جو رنگ ڪارو ٿيڻ وارو هيو، هن جي اکين ۾ حياتيءَ جي چمڪ نروار ٿي چڪي هئي، سنگتراش کي بت جي ان بدليل حالت پريشان ڪري وڌو، جيڏي هن جي عقيدت گهري ٿي اوترو ئي هن جي دل ۾ ڊپ پيدا ٿيو، وقت جو هر لمحو ڪائنات لاءِ تجسس جو پيغام هيو ”بت ۾ زندگي ...... بت ۾ زندگي.“
سنگتراش جي دماغ مان بلند ٿيندڙ آواز واديءَ ۾ ڇڻ پڙاڏو پيدا ڪرڻ لڳو، جيئن ڪو ديو پهاڙن ۾ بيهي زور زور سان ٺهڪ ڏيندو هجي، سڄي وادي ان خوف ڪان لرزجي ويئي، نيٺ اهو وقت بہ آيو جڏهن سنگتراش جي اڳيان بت جي بدران هڪ خوبصورت

عورت جو چرپر ڪندڙ جسم هيو، حسين عورت جنهن ڪي اتر جي خوبصورت وادي ڏسي شرمائجي ويئي، شيشم جا وڻ جهڪا تي نديءَ مان نڙي آلي ڪرڻ لاءِ پاڻي پيئڻ لڳا، اوپر ۾ برندڙ جبل جي دونهي ۾ جڻ ڄر اچي ويئي، چمڪ اچي ويئي، آس پاس بينل نيرا، ڳاڙها گل مرڪي مرڪي هڪ ٻئي پنيان لڪي خدا جي حسين وجود ڪي ليئا پائڻ لڳا. سنگتراش جا اهڙي حسين خدا ڪي ڏسڻ ڪانپوءِ تارائي ڦوٽارجي ويا، هن جي جسم ۾ خوف ڪان ڏڪڻي واسو ڪري ويئي.

”ڊڄ نہ مهراج.“ عورت مرڪي سنگتراش جي ويجهو ايندي چيو، ”خدا پنهنجي بندن ڪان نہ گهبرائيندا آهن.“

عورت جي ڳالهائڻ سنگتراش جي حيرانيءَ ۾ وڌيڪ اضافو آڻي ڇڏيو.

”عظيم خدا تون پنهنجي اصلي روپ ۾ اچي وئين.“

”مالڪ پنهنجي بنديءَ ڪي خدا سڏي شرمندو نہ ڪر.“

سنگتراش عورت جي ڳالهہ تي پريشان ٿي ويو، هن ڪي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ آخر خدا هن ڪي مالڪ ڇو ٿو سڏي.

”مان تنهنجو مطلب نہ سمجهيو.“ سنگتراش چيو.

”ها تون ئي تہ منهنجو خدا آهين.“ عورت هن جي اڳيان جهڪندي ۽ ٻيئي هٿ ٻڌندي چيو، ”مان تنهنجي تيشي جي تہ تخليق آهيان.“

”پر منهنجو وجود.“ سنگتراش هٻڪندي چيو ”منهنجو وجود تنهنجي قدرت جو ڪمال نہ آهي، مان توکي نہ ٺاهيو آهي، پر تون مون ڪي ٺاهيو آهي.“

سنگتراش جي ڳالهہ تي عورت ٿورو مرڪي ”نہ مالڪ تون پنهنجي وجود جو پاڻ خالق آهين، تون انسان آهين ۽ انسان ئي تنهنجو تخليق ڪار آهي انسان توکي ٺاهيو آهي بلڪل مون وانگر جيئن تون مون ڪي ٺاهيو آهي، انسان ئي خدا آهي، ان ڪان وڌيڪ دنيا ۾ ڪهڙي هستي آهي.“

سنگتراش پٿر جي بت مان نهيل عورت جي گفتگو تي حيران هيو، سڄي وادي ڄڻ بدلجي ويئي، هوائن جو احساس ڇدو ٿي ويو، عجيب ڪيفيت ٿي ويئي، هر ڪنهن شيءَ جي سنگتراش ڪي يقين نہ ٿي آيو تہ هو ان خدا سان مخاطب آهي، جنهن ڪي هن ڪجهہ ڏينهن اڳ پنهنجي تيشي سان تراشي ٺاهيو هيو، هو حيران هيو تہ آخرڪار اهو سڀ ڪجهہ ٿيو ڪيئن.

”ها خدا.“ عورت سنگتراش اڳيان هٿ ٻڌي هڪ دفعو وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”ڏس منهنجي لبن جي لالي تنهنجي خون سان ئي تہ قائم آهي، هي ساري ڪائنات بہ تنهنجي ئي دم سان آهي، جي تون نہ هجين تہ دنيا بيڪار آهي، پر جي تون هجين دنيا نہ هجي تہ دنيا جي تخليق تنهنجي لاءِ ڪوئي مسئلو نہ آهي، هيءَ ساري ڪائنات تنهنجي آهي، تون خدا آهين.“

عورت جي ڳالهين تي سنگتراش منجهي پيو، هن کي پاڻ تي خار اچڻ لڳا، ڇو جو هن ڪافر خدا جي تخليق ڪئي، هن جي دل چاهيو تہ هو تيشي سان هن جي جسم جا ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏي پر ان وقت هن آڏو بت نہ پر حقيقت هئي، هڪ خوبصورت عورت جو جسم جيڪو پاڻ کي بندو سڏي رهيو هيو، آخرڪار سنگتراش ٿورو زور سان ڳالهائيندي چيو "مان سنگتراش آهيان، ڇا مان هڪ ڪٽڪ جو داٽو ناهي سگهان ٿو؟ هڪ وڻ ناهي سگهان ٿو، جنهن ۾ زندگيءَ جا آثار هجن، هڪ پکي ناهي سگهان ٿو جيڪو فضائن ۾ پرواز ڪري؟"

عورت هڪ دفعو وري مرڪي پيئي.

"ها خدا ڇو نہ مون کي تہ عجب ٿو لڳي مالڪ ٿي توکي پنهنجي ملڪيت جي ڄاڻ نہ آهي."

"آخرڪار هيءَ ڪٽڪ ڪير ٿو اپائي، تون صرف تون ئي تہ زمين ۾ هر هلائي اناج اپائين ٿو، تون ئي تہ ان کي خلقين ٿو، ڪائنات جا سڀ وڻ تنهنجي محنت جو ئي تہ سلو آهن. تون ئي تہ جڏهن چاهين انهن کي ناهين ٿو، جتي چاهين اپاري سگهين ٿو، دنيا جا هي سڀ پکي تنهنجي ئي تہ دم سان آهن. تنهنجي ڪئي مان ئي تہ جيئرا آهن، تنهنجو وجود ئي تہ انهن سيني جو روح آهي، آخرڪار روح کان وڌيڪ ڪهڙو خدا آهي، جيڪڏهن تون نہ هجين تہ ڪنهن بہ شيءَ ۾ ساهہ نہ هجي."

"نہ نہ، ڪوڙ آ." سنگتراش خار مان آس پاس بيٺل ڳاڙهن گلن کي ڇنندي چيو، "مان دنيا جو خالق ڪيئن ٿو ٿي سگهان؟ تون ڪنهن جادوگر جو روح آهين، جيڪو منهنجي خدا جي جسم ۾ سمائجي ويو آهي، نڪري وڃ اتان، نڪري وڃ." عورت جي چهري تي ساڳي سنجيدگي هئي، سنگتراش جي ڪاوڙ جي رد عمل ۾ هن پنهنجون اکيون بند ڪري وري کولي ڇڏيون، "خدا تون ڪاوڙجين ڇو ٿو، ڇا دنيا جو وجود تنهنجي ئي دم سان نہ آهي؟ ڇا تون هن مٿل دنيا کي پنهنجي محنت سان ساهہ نہ وڌو آهي؟ گهر نہ اڏيا آهن؟ پوکون نہ ڪيون آهن؟ ڪارخانا نہ اڏيا آهن؟ تون ئي تہ ڪائنات لاءِ آهين، پنهنجي عظيم ورثي کي قبولڻ کان انڪار ڇو؟"

سنگتراش جي اڳيان هن جي وجود جي وضاحت ٿيندي وئي، وقت سان گڏ گڏريل هن کي پنهنجي زندگي گار محسوس ٿي، هن پنهنجي وجود کي بي مقصد پاتو، هن کي پنهنجي ماضي قريب جا لمحا پاڻ مٿان لعنت محسوس ٿيا، "هن آخرڪار سجدو ڪيئن ڪيو؟ پنهنجي بڻايل شيءِ اڳيان ڪيئن جهڪيو؟ ان بت کي هن ئي تہ ناهيو هيو، اهو بت هن جو ئي تہ بندو هيو، پوءِ هن خدا ٿي ان آڏو سر ڪيئن جهڪايو.؟"

"خدايا." عورت هڪ دفعو وري عقيد مان اکيون ٻوٽي چيو "جيڪڏهن مون کان ڪا غلطي ٿي آهي تہ معاف ڪندا باقي مان ڄاڻان ٿي تہ توهان ئي منهنجا خدا آهيو، انسان ئي ڪائنات جو خدا آهي."

"پوءِ ڪيئن؟ آخر ڪيئن؟ سڀ انسان خدا آهن تہ بندو ڪير آهي؟ ڪائنات جا ڪروڙين

خدا، اها ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي.“
عورت ٿورو پريشان ٿي ويئي ۽ هن نرمائي سان چيو:
”تون غلط سمجهين خدا، انسان ئي خدا آهي ۽ انسان ئي بندو آهي، انسان ئي انسان جي تخليق ڪري ٿو ۽ انسان ئي انسان جو خدا ٿئي ٿو، انسان ئي هڪ ٻئي جا بندا ۽ خدا آهن. هڪ حياتيءَ جو دارو مدار ٻئي تي آهي. انسان ئي انسان کي سجدو ڪري ”هو هڪ ٻئي کي سجدو ڪن، هر انسان پاڻ کي بندو ۽ ٻئي کي خدا تسليم ڪري ۽ هر ڪو پوءِ خدا جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي اڳيان جهڪي، سجدو ڪري.“
عورت جون ڳالهيون سنگتراش جي سوچ کان وڏيون هيون، هن تڏهن بہ انهن لفظن جي حقيقت کي پروڙي ورتو، هن کي عورت جي ٻڌايل هزارن خدائن جي پٺيان ايڪائي نظر آئي، جنهن ۾ دوئيءَ جو ڪو بہ وجود نہ هيو. هڪ خدا هيو، صرف انسان. عورت لڳاتار ڳالهائي رهي هئي، ”منهنجا خدا مان تہ اهو سوچيندي هيس تہ آخرڪار منهنجو خدا سجدا ڇو ٿو ڪري ڪوئي پنهنجي ٺاهيل بندي کي بہ سجدا ڪندو آهي ڇا؟ مان تہ هر وقت اوهان جي آڏو جهڪندي هيس، انسان جي ڪائنات جي هر شي کي پروڙي تہ هن کي اهو معلوم ٿي ويندو تہ هر ڪا شيءَ هن آڏو جهڪيل آهي.“
سنگتراش جي اڳيان دنيا پنهنجي اصلي روپ ۾ اچي ويئي، هن ذهن تي زور ڏيئي سوچيو، هن پاڻ ۾ هزارين صلاحيتون محسوس ڪيون، هو واقعي خدا هيو جنهن ڪائنات جي تخليق ڪئي آهي، پنهنجي محنت جي تيشي سان هن ۾ هزارين نقش چٽيا آهن، سنگتراش جي چپن تي مرڪ اچي ويئي، هن خوشيءَ مان اکين کي چنيي عورت ڏانهن نهاريو پر هن جي حيرت جي انتها نہ رهي هن ڏٺو عورت جي بدران هن جي سامهون ساڳيو تراشيل بت هيو، ساڳي لازوال مرڪ ۽ رت رڱيل چپڙا، هن کي اهو سمجهہ ۾ نہ آيو ڇا هو خواب ڏسي رهيو هيو؟ اهو سڀ ڪجهہ ورهين کان هن جي اندر ۾ ٻرندڙ باهہ جي ٻاڦ هيو؟ هن سوچيو ها اهو سڀ ڪجهہ ورهين کان پنهنجي اندر ۾ متل بحث جو جواب هيو، بت صرف هڪ خيالي ڪردار هيو، منهنجي خيالن جو هڪ ڏار هو، جنهن کي حقيقت جي طوفان وڻ کان ڪيرائي ساڙي ڇڏيو، سنگتراش پنهنجي ڇهري تي تڪي مرڪ ڪٽي اٿيو. ڪنڌ ڪٽي هن اوپر طرف پوئين پهر جي نيراڻ کي نهاريو ۽ هلڪا هلڪا قدم کڻندو اوڏانهن وڌي ويو. ٿوري دير کان پوءِ گناهگارن جي ڇهري جهڙو زرد سورج طلوع ٿيو، بستيءَ وارا ماڻهو هڪ دفعو وري دانهي سورج کي سجدا ڪرڻ لڳا، ”او سورج ديوتا صبح جو سلام“ اجان هنن دعا شروع ئي مس ڪئي تہ هنن هڪ انسان کي پهاڙين پٺيان طلوع ٿيندڙ سورج جي آڏو ايندي ڏٺو، هڪ ڪارو انساني پاڇولو جيڪو هيڏي وڏي سورج کي پٺ ڏيئي ڏڪي بيهي رهيو، هن پنهنجا ٻيئي هٿ مٿي بلند ڪيا، جن مان هڪ ۾ تيشو هيو ۽ ٻئي ۾ ڇيٽي، بستيءَ وارن ۾ خاموشي اچي وئي ۽ هو گهُوري ان پاڇولي کي نهارڻ لڳا، هر طرف سناٽو ڇانيل هو، ٿوري دير گذري تہ سڀ بستيءَ وارا ان ڪاري

عڪس آڏو جهڪيل هيا، ڪارو عڪس جنهن جي هٿن ۾ تيشو ۽ ڪلي عرش ڏي بلند ٿيل هئا ۽ ان ڪاري پاڇولي پنيان لڪيل هيڏو وڏو گول ۽ زرد سورج جيڪو هن جي قدمن مان طلوع ٿي رهيو هيو.

# تنهنجي جنازي پويان

هو شهر ۾ پهتو ته رات ٿي چڪي هئي، ستارا مرڪي روئي رهيا هيا ۽ چنڊ جو ته ڪو نشان ئي نه هيو. هر طرف ويراني لڳي پئي هئي، جنهن ۾ هن کي پنهنجو وجود ڪارنهن جي ننڍن ذرڙن ۾ جذب محسوس ٿيو، هو ڪجهه به نه هيو بس هڪ اڻ ڄاتل اديب جنهن جي صرف هن کي خبر هئي ۽ زماني وارا هن کان ناواقف هيا. هن ڳنڀيرتا کي انڌيارن جو روپ ڏئي، وشال آڪاش تائين ڦهلائي ڇڏيو هيو ۽ اهي انڌيرا صرف انڌيرا ئي هيا جن ۾ گهرڻ سان ڪوئي ڪجهه نه پائيندو هيو، اهو انڌو ٿي ويندو هيو. هن جو وجود پوءِ اهڙن انڌيارن ۾ ڪيئن ٿي نظر اچي سگهيو جن ۾ ڳنڀيرتا ۽ پيڙا پاڻ ۾ اهڙي طرح ملايا ويا هجن جو هڪ ته پويان هزارين ته تهي پيا هجن.
پوءِ ڪير انهن تهن کي چيري هن تائين پهچي سگهيو ٿي، ڏٽڙيل ۽ ڪٻڙي چيلهه وارو اديب، ”راهب“ جنهن جي شروعاتي زندگي ڏاڍي پرسڪون گذري هئي، پر جوانيءَ جي نرمتا کي ڇهندي ئي هن جي جسم مان اهڙي ته ڌرڙيون نڪري ويون، جو هن جي جسم جا وار سڌا ٿي ويا ۽ هن ۾ هڪ اهڙي پيار جنم ورتو، جنهن جو ڪو به سبب نه هيو، ڪو به وجود نه هو. هڪ پنهنجو پاڻ پيدا ٿيل پيار، جنهن جي بذات خود هن کي به خبر نه هئي ته اهو ڪنهن لاءِ آهي؟ ڇا اهو پيار آهي يا محرومي؟ جيڪا هن کي روز بروز هڪ پيڙا ۽ ڳنڀيرتا جي احساس ڏانهن گهليندي پئي وئي، هڪ اهڙي محرومي جنهن جي خلا کي هو ڪنهن شيءِ سان پُر پيو ڪرڻ چاهي ۽ اها ئي خلا هئي جنهن ۾ هن ادب کي پرڻ چاهيو، پر من جي خلا شايد هڪ اهڙي مٽ جيان آهي جنهن جو ترو ڀڳل هجي ۽ ان مٽ کي پر ڪرڻ لاءِ جيترو به مواد وڌو وجي اهو ٿوري دير لاءِ ان جي ڪنن کي ڇهي ان جي تري مان وهي وري هميشه لاءِ اها خلا پيدا ڪيو ڇڏي جيڪا ڪن نامعلوم محرومين جي پيداوار هوندي آهي. راهب جي من جي خلا به ڪڏهن پُر نه ٿي، هن انسانن کي پاڻ کان برتر سمجهيو. هن ۽ انسانن جي وچ ۾ خوف جي هڪ ديوار هئي، جنهن کي هن ڪيرائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا. هن مختلف شين جو سهارو وٺي پاڻ کي ٻين تائين آڻن جي ڪوشش ڪئي پر هو عظيم هوندي به پاڻ کي هڪ عام انسان جهڙو سمجهي نه سگهيو. هو هڪ عام ماڻهو نه هيو پر هڪ اهڙو ماڻهو هيو جيڪو پنهنجي من ۾ ته ٽٽل ڦٽل هوندو آهي پر پنهنجي محرومين ۽ ڪمترين جي احساس کي بدلائڻ لاءِ مختلف روپ ڌاري سامهون ايندو آهي. هو پاڻ کي جيترو ڪمتر سمجهندو آهي، اوترو ئي پاڻ کي اهم ثابت ڪري پاڻ کي ان درجي تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جنهن درجي کان هڪ ماڻهوءَ جي حيثيت ايري ٿي. هو پاڻ کي اهڙي گهمنڊ ۾ مبتلا رکندو آهي جيڪو هن کي ٻين کان اهم ڪري ڏيکاري ۽ ويچارو راهب به انهن انسانن مان هيو جيڪي پنهنجين

محرومين  کي هڪ زوريءَ پيدا ڪيل احساس برتريءَ جو سهارو ڏئي، زندگي بسر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪي پنهنجي من ۾ ته تتل ڦتل هوندا آهن پر پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ ۽ زماني سان ڪلهي ملائڻ جي خواهشن ڪري مغرور ٿي ويندا آهن.
هن جو شانيءَ سان پيار هيو. پورن ناسي وارن واري شاني، جيڪا جڏهن به ڪتاب ڇاتيءَ سان لايو پنهنجيون نيريون اکيون کڻي هن تي اچاتري ۽ مغرور نظر وجهندي هئي ته هو ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏلو ٿي ويندو هيو ۽ پنهنجي محرومين ۽ نروس نيس جي احساس کي لڪائڻ لاءِ ڳيت ڏئي وات ۾ پرجي آيل پاٽيءَ کي هيٺ لاهي پاڻ کي مطمئن ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو هيو، پر شاني ڏاڍي مغرور هئي، هن کان به وڌيڪ مغرور شايد ان وٽ هن کان به وڌيڪ محرومين جو احساس هيو، جنهن تحت هن جو ڪنڌ سيني کان سدائين مٿي هوندو هيو. راهب هن کي هر طرح سان چاهيو. هن کي تصور ئي تصور ۾ پوڄيو، هن تي لازوال ڪهاڻيون لکي ڇڏيون. جن ۾ بي انتها گهرائپ هئي. هڪ اهڙي درد جهڙي گهرائپ، جيڪو ٻن پيار کان آشنا پر مغرور دلين جي هڪ ٻئي سان بيرخيءَ جي برتاءَ ڪري پيدا ٿيندو آهي ۽ وجودن ۾ هڪ اڻ کٽ ڪاهي پيدا ڪري، هڪ اهڙي اونهائيءَ کي جنم ڏيندو آهي، جنهن جو ڪو به انت نه هوندو آهي. اهڙيون ڪاهيون وسيع هونديون آهن ۽ انهن جي ترن کي ڪو به ڇهي نه سگهندو آهي. هن کي خبر هئي ته شاني هن کي چاهي ٿي، پر هو پنهنجي گهمنڊ تان ڪڏهن به نه لٿو. هو چاهيندو هيو ته ڪاليج جي چوڪ تي هن سان ملي ان کي نظرن سان ڇهي پر هن جي نظرن جون آڱريون ڪمزور هيون، جن ۾ ڪا به شڪتي  نه هئي، ڪا به پڪيڙ نه هئي، هو سمنڊ جي ڪناري پيل واريءَ جي ذري مثل هيو، پر ان ذري ۾ هڪ پهاڙ سمايل هيو. جنهن کي ساموندي هوائون پنهنجي هنج ۾ کڻي ڪڏهن به طوفاني لهرن جي حوالي نه پيون ڪري سگهن ۽ هو صرف پور پچائيندو رهيو. ڪاليج جي شروعاتي زندگي ۾ هن جون شانيءَ سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون جن ۾ ڪو به جذبو ڪار فرما نه هيو، اهي جذبات کان عاري هيون. انهن ۾ خوف جو ڪو به عنصر نه هيو، پر پوءِ راهب محسوس ڪيو، هن جوشانيءَ سان پيار ٿي ويو آهي ۽ شاني جڏهن به هن جي سامهون اچڻ لڳي ته هو محسوس ڪرڻ لڳو جيئن دماغ هن جي زبان جو ساٿ نه ڏئي رهيو آهي. هو جيڪي ڪجهه ڳالهائي رهيو آهي، اهو پپل جي اهڙي زرد پني جيان آهي، جنهن جي ڏار مان ڪرڻ ۾ ڪجهه گهڙيون وڃي بچيون هجن ۽ تيز هوا جي جهوٽن ۾ هو بس ڪرڻ جون تياريون ئي ڪندو هجي. هن محسوس ڪيو شاني به هاڻي هن سان ڳالهائيندي شرمائي رهي هئي. هن ڪيترا دفعا هن جي ڄنگهن جي ڏڪڻيءَ کي محسوس ڪيو. هن ڪيترا دفعا ڏٺو، هوءَ اکيون هيٺ ڪري پنهنجي فائيل جي ڪندن کي هٿ سان مهٽي ڊڄي رهي آهي ۽ هن اتان پهريون ڀيرو محسوس ڪيو ته هر حسن خوفزده هوندو آهي، خوف حسن سان هميشه لاڳو رهندو آهي ۽ اهو ئي خوف هيو جنهن هنن جي وچ ۾ هڪ ديوار قائم ڪري ڇڏي.

جيئن جيئن هنن جي من ۾ پيار جو طوفان اٿندو ويو، تيئن تيئن هنن ڪان ڪنارا ڇڏائبا ويا، اهي هوائن جي حوالي ٿي ويا ۽ پنهنجي اپرندڙ جذبن کي لڪائڻ لاءِ انهن پاڻ کي مغروريءَ جا ڪفن پارائي ٻن الڳ الڳ قبرن ۾ دفن ڪري ڇڏيو. انهن ۾ هاڻي ڳالهائڻ جي اها همت نه رهي هئي، جو هو هڪ ٻئي سان اکيون اکين ۾ وجهي پاڻ سنيالي سگهن. راهب محسوس ڪيو اهو سڀ خواب هيو، هڪ ابتو سبتو خواب، جيڪو ذهني خلفشار جي پيداوار هيو ۽ ان جو ڪو به مفهوم نه هيو. هن کي اهو يقين هوندي به ته شانيءَ جي من ۾ هو ئي آهي جيڪو هير جيان گهلي هن کي بيقرار ڪري رهيو آهي، ڪڏهن به پڪ نه ٿي ته ڪو ائين هوندو يا ٿي سگهي ٿو. هو ان سموري ڳالهه کي خوشفهمي تصور ڪري پنهنجي پر ۾ شانيءَ کي وسارڻ لاءِ وڏا جتن ڪرڻ لڳو. هن شانيءَ جي منفي پهلوئن تي سوچيو، هن جي چال مان چڪون ڪڍڻ لڳو، دوستن ۾ جڏهن به شانيءَ جي حسن جو ذڪر نڪتو ته هن زوريءَ وچ ۾ ٽپ ڏئي ان کي تنقيد جو نشانو بڻايو.

شانيءَ تي تنقيد مان هن کي ڪجهه دير لاءِ جڻ سڪون ملي ويندو هيو. هو محسوس ڪندو هيو جيئن ڪنهن جنازي کي ڪلهي ڏيڻ ڪانپوءِ هن پنهنجو وزن لاهي قبر جي حوالي ڪيو هجي. هو پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندو هيو، پر ٿوري دير ڪانپوءِ وري ڪو جڻ هن جي روح کي تيلي ڏئي ساڙي ڇڏيندو هو. هن جي تن من ۾ هڪ باهه پڙڪي اٿندي هئي، جيڪا هن جي زوريءَ پيدا ڪيل نفرتن کي ساڙي پسم ڪري. هڪ دفعو وري شانيءَ کي آڻي هن جي من ۾ وسائيندي هئي. هن جيئن جيئن شانيءَ ڪان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪئي هو تيئن تيئن ان ۾ ڦاسندو ويو. شاني هڪ اهڙي ڪنڍيءَ جيان هئي جنهن ۾ پاڻ ڇڏائڻ رهندو پاڻ کي زخمي ڪرڻ هيو. شانيءَ جي مغروريءَ کي ڏسي ڪڏهن ڪڏهن راهب وٽان اهو احساس ختم ٿي ويندو هيو ته ڪو هوءَ هن کي چاهي ٿي پر هڪ دفعو هو ڪاليج جي لان ٻاهران نهيل روڊ تان جيئن ئي شانيءَ جي پويان اچي رهيو هيو ته هن محسوس ڪيو جيئن شانيءَ جي چال ڦري وئي آهي، هن جي ورانگ ۾ ڏڪڻي اچي وئي آهي، هن جون ٽنگون ڦاٽي ويون آهن، هوءَ وڏيءَ مشڪل مان پاڻ تي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ منهن ۾ گهنڊ وجهي پرسان هلندڙ ساهيڙيءَ سان ڳالهه لنوائڻ لاءِ زوريءَ ڳالهائي رهي آهي. راهب ڪيترا دفعا چاهيو ته هو پنهنجي هٺ ڏرمي ڇڏي، ان ڇوڪريءَ سان وجي ڳالهائي پر هن جي همت جواب ڏئي چڪي هئي. هو ڪيترا پيرا هاسٽل ڪان پاڻ کي صرف ان لاءِ ناهي نڪي نڪتو ته من شاني هن ڏانهن ڏسي پر هو هڪ ٻئي جي سامهون ايندي ئي راهون مٽائي ويندا هيا ۽ ويچارو راهب پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ ائين ئي ڪڏهن نفرتن جو اظهار ڪري شانيءَ جي حسين خيالن کي ٽڏيندو رهيو ته وري ڪڏهن پيار جي شدت کي اڪيلائين ۾ محسوس ڪري روئي پيو. هن ڪڏهن شانيءَ کي پاڻ ڪان مٿاهون ڀانيو ته وري ڪڏهن پنهنجي وجود کي ٽيڪ ڏئي ان کي ٽڏي ڇڏيو ۽ آخر اهو وقت به اچي ويو جڏهن شاني هن ڪان هميشه لاءِ جدا ٿي وئي.

شاگرديءَ جا پنج سال پورا ٿيا تہ راهب پنهنجي شهر موٽي نوڪريءَ کي لڳي ويو ۽ هن کي ياد آيو شاني آخري وقت بہ هن ڏانهن اڇاتري نظر وجهڻ ڪانسواءِ ئي هلي وئي هئي.
۽ اڄ پوري هڪ سال ڪانپوءِ هن کي شانيءَ جو هڪ دعوت نامو مليو هيو، جنهن ۾ هن راهب کي پنهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي. ان ۾ هن لکيو هو تہ هوءَ هڪ اديب سان شادي ڪري رهي آهي ۽ جيئن تہ اهو هن جي ڪلاس جو ساٿي رهيو آهي. هن جو اهو فرض هيو تہ هوءَ هن کي پنهنجي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏئي.
راهب کي اهو خط پڙهي ائين محسوس ٿيو، جيئن هن جو پورو بدن پگهرجي جسم جي هر عضوي مان رنو هجي ۽ اندر ۾ اٿندڙ دٻائن ڪان ڪلين ۾ سور پئجي ويو هجي. هو رنو ڪو نہ بس هن خط پڙهي مرڪي ڏنو، جيئن هن چپن مان ڳوڙها وهايا هجن. آخر هو شانيءَ کي ئي تہ اڄان دل ۾ سمايو وينو هيو، هن ڪنهن بہ عورت جو تصور نہ ڪيو هيو. شانيءَ هن جي وجود ۾ ڪٿي بہ اهڙي جاءِ نہ ڇڏي هئي، جتي هو ڪنهن ٻئي شيءِ کي سمائي سگهي، خط پڙهڻ ڪانپوءِ هن کي ائين لڳو جيئن هو رجي زمين تي هارجي ويو هجي.
ٽئين ڏينهن شانيءَ جي شادي هئي ۽ هو ٺيڪ ان وقت شهر ۾ پهتو هيو. جڏهن هن جو نڪاح ٿيڻ وارو هيو، هن کي شهر ۾ گهرڻ سان کي بہ رستا نہ ٿي سجهيا. هڪ ويراني هئي، يا شايد نہ هئي ۽ هو اندر جي شدت ڪان ڪنهن بہ شيءِ کي ڏسي نہ ٿي سگهيو. هن کي گلن واري جو دڪان بہ نہ پئي مليو جتان هو شانيءَ جي ٻلن جهڙا گل وٺي هن تي نڇاور ڪري سگهي، جتان هو رت جي ڦڙن جهڙا گلاب وٺي، پنهنجي مغرورين، هٺ ڌرمين ۽ ڪمترين جي احساسن جي چرٽن ۾ قربان ڪري سگهي. هن کي لڳو هن جي ديد گهٽجي وئي آهي ۽ درد ڪان چيلهہ چٻي ٿي وئي آهي. هن پنهنجي هٿ ۾ جهليل اڇو رومال هر هر وات کي ڏئي پئي ڪنگهيو، جيئن پنهنجي من جي اڻ تڻ کي لڪائڻ چاهيندو هجي. اونهاري جي رات هئي ۽ بدن گرميءَ ڪانپوءِ لڳندڙ هير ۾ ٽڙڪي رهيا هيا. راهب جا درد هيا جو پٽ جو روپ ڌاري هن جي جسم مان ڦٽي ٿي نڪتا. آخرڪار ان نئين شهر ۾ پڇائيندي پڇائيندي هن کي هڪ مالهيءَ جو دڪان ملي ويو جتي چنبيلي ۽ گلابن جون لڙيون لڙڪي رهيون هيون. ٿياس تي ٽنگيل ڳاڙهن ڦولن کي ڏسي هن چاهيو تہ هو انهن کي اتان لاهي انهن جي زخمن کي خوب چمي پيار ڪري. آخر اهي بہ تہ هن جي شانيءَ جي ڳچيءَ ۾ وجڻا هيا، سياري جي ٿڌ ۾ ماني پاٽيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ سنهڙين لهرن جهڙي نرم ڳچي، جنهن تي هن هرويرو بہ ڪيترا دفعا پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ تنقيد ڪئي، راهب ڏاڍو پڇتايو هن کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو جيئن شانيءَ جي ڳچي هن جي بدن تي ٿڌڙا ڪدي هن جو ساهہ پي وئي هجي. هن مالهيءَ ڪان بہ چار گلابن جون لڙيون ورتيون ۽ انهن کي هٿ ۾ لڙڪائيندو شاني جي گهر ڏانهن راهي ٿيو.
اهو شهر هن لاءِ بلڪل نئون هيو، هو ان جي واٽن ڪان ناواقف هيو ۽ شهر هن لاءِ شانيءَ

جهڙو مغرور ۽ مانو، جنهن جي سانت ۾ سوين ڪوهه هيا ۽ قدم قدم تي ڪرڻ جا اڪيچار انديشا. هو ويران گهٽيون لتاڙيندو گلابن جي لڙين کي هٿ ۾ لوڏيندو، جڏهن شانيءَ جي گهر کي ويجهو ٿيو ته هن کي پري کان انسانن جو هجوم ڏسڻ ۾ آيو. اهي هڪ گهر اڳيان وينا پاڻ ۾ ڪچهريون ڪري رهيا هيا، ننڍا ننڍا هٽ گولا هيا جيڪي ان هجوم جي آس پاس پئي ٻريا. راهب پري کان شانيءَ جو گهر ڏسي ڪجهه گهڙيون ته دهلجي ويو، هن جي جسم ۾ ساڳي ڪاليج واري ڏڪڻي شروع ٿي وئي ۽ هن ۾ اها همت نه رهي ته هو اڳتي وڌي شانيءَ کي ڦولن جو تحفو پيش ڪري سگهي. ان جي پيشانيءَ جو سيندور ڏسي روئي سگهي ۽ ان جي اکين ۾ گهري پاڻ کي زخمي ڪري سگهي. هو هڪ فرلانگ پري کان ان ڄڃ کي ڏسندو رهيو، هن ڪوشش ڪئي ته هو اڳتي وڌي ۽ ان انسانن جي هجوم ۾ شامل ٿي پاڻ کي ٻه انهن جهڙو ڪري سگهي، پر هن جي قدمن ۾ شڪتي نه رهي، خوف کان هن جي دل ڌڙڪڻ لڳي ۽ مٿو چيپجي ڄڻ هڪ هنڌ ڳوڙهو ٿاهي بيهي رهيو. هو اتي ئي ڪجين جي اوٽ ۾ ٿي بيهي رهيو ۽ هن ٽڙ سان پنهنجيءَ جهڪيل چيلهه کي سهارو ڏئي وات کي رومال ڏئي ڇڏيو، ڦولن جون لڙيون هن جي ڏڪندڙ هٿن ڪري ڄڻ ڦڙ ڦڙ ڪري نچيون پئي، راهب روئي رهيو هيو، هن جي من جو درد هن تي حاوي ٿي ويو ۽ هن جي سڏڪن جا آواز ائين هيا جيئن ڪجن جا ڦرها هوا تي هڪ ٻئي سان گسندا هجن.

راهب ان ڄڃ کي ڪيتري دير ڏسندو رهيو ۽ نڪاح ڪانپوءِ موڪلاڻيءَ جو وقت آيو ته هن ان پاسي کان ڪجهه سڏڪن جا آواز ايندي ٻڌا، ڪي عورتون ۽ مرد هيا جو وچ هجوم ۾ ڪنهن شيءَ کي الوداع چئي ڍاڍيون ڪري روئي رهيا ها، هڪ فرلانگ پري کان راهب اهي آواز ائين محسوس ڪيا جيئن شرنائيون بند هجن ۽ ڪو قاتل دهل کي زوريءَ لپاٽون هڻي ان کي خوشين جي آوازن ڪڍڻ تي مجبور ڪندو هجي. راهب لاءِ اها حيرانيءَ جي ڳالهه هئي ته شانيءَ جي شاديءَ ۾ هر طرف ويراني لڳي پئي هئي، شايد شرنائيون وڄي رهيون هيون، جن کي هو ٻڌي نه پئي سگهيو يا نه وڄي رهيون هيون جن کي هو ڪنن سان ٻڌڻ جي ڪوشش پيو ڪري. ڪيترا ئي ماڻهو هيا جيڪي هن جي پرسان لنگهيو ڦولن جون لڙيون ڪنيو اوڏانهن پئي ويا جتي شانيءَ جي ڄڃ وينل هئي ۽ ڪيترا هيا جيڪي آس پاس پئي ڦريا. ستارا مرڪي رهيا هيا ۽ هن کي انهن ۾ پنهنجي شانيءَ جو مرڪندڙ منهن نظر آيو، جيئن پوري وايو منڊل ۾ انڌيرا ئي انڌيرا هجن ۽ ان ۾ صرف هڪ روشن نقطو هجي جيڪو شانيءَ جي روپ جو نقاب پائي هن اڳيان موجود هجي. هن تصور ئي تصور ۾ انهن ستارن کي ڳوڙهن جو روپ ڏئي اکين مان وهائي ڇڏيو، هن گلاب جي لڙين کي ڏنو ۽ انهن جي واس ۾ هن کي هڪ اهڙي زندگيءَ جو احساس ٿيو جيڪا سمنڊ جي لهرن گسڻ ڪري پاٽيءَ جي ڦوٽي جيان وجود ۾ اچي هڪدم ڦاٽي پوندي آهي. ڦولن جي واس هن کي ديوانو ڪري ڇڏيو ۽ خوشبوءِ هن جي اندر ۾ مونجهه پيدا

ڪري ڇڏي. اوندھ ڪري هن کي ڦول ڪارا نظر اچي رهيا هيا، جيڪي خدا جيان هيا. ڇو جو انهن جو واس آس پاس اوندھ جي هر ذري ۾ سمايل هيو، پر ان واس انڌيرن کي هن لاءِ وڌيڪ غضبناڪ ڪري ڇڏيو هيو، پيڙا هئي جو آهن سان گڏ هن جي جسم مان ور ور ڪري پئي نڪتي. هو ته خوش هيو بيحد خوش ۽ اها خوشي هن کي جيترو عذاب پهچائي رهي هئي شايد ان جهڙو ٻيو ڪو به عذاب نه هيو.
رخصتي ٿي چڪي هئي، روئڻ جو آواز بند ٿي چڪو هيو، شايد شانيءَ جي گهر وارا پنهنجا ڳوڙها اگهي رهيا هيا. پنهنجي چپن کي هٿن سان ڍڪي ان واس کي ڪجھ دير محفوظ رکي رهيا هيا، جيڪو واس انهن جي چپن ۾ شانيءَ کان موڪلائڻ وقت، ان جي پيشاني چمڻ سان انهن ۾ سمائجي ويو هيو. هن سوچيو جيڪر هو انهن چپن کي ڏسي سگهي ها جن هن جي محبوب جي پيشاني چمي هئي، پاڻ کي کهي انهن ڳوڙهن ۾ پنهنجو رت ملائي سگهي ها جيڪي شانيءَ کان موڪلائڻ وقت انهن جي اکين مان وهي نڪتا هيا. هو ڪيتري دير ڏوليءَ کي ويندو ڏسندو رهيو ۽ هن جي ڪنن ۾ شرنائين جا آواز ڦٿي نڪتا. شايد هن جو انگ انگ روئي رهيو هيو. هر عضوي ۾ هڪ شرناءِ هئي جيڪا خوشيءَ مان سڏڪي رهي هئي. ڏولي اڳتي وڌندي پري ٿيندي وئي، ڄاڃين جي هٿن ۾ جهليل گولن جا ترورا جهڪا ٿيندا ويا، راهب کي شانيءَ جي ڏولي واچوڙي جيان ورائي وئي ۽ هو اڳتي هلڻ تي مجبور ٿي پيو، هو نه پيو چاهي ته ڪو انسان ان کي ان حالت ۾ ڏسي، اهو پڇي ته هن جو شانيءَ سان ڪهڙو رشتو آهي. جنهن تحت هو ان جي ڄڃ ۾ شريڪ هن جي ڏوليءَ پويان ائين لڪندي ڇپندي اچڻ تي مجبور آهي.
رستو ناهموار هيو ۽ هن جا قدم ٿيڙ ڪائي رهيا هيا، هو قافلي جي پويان اچي نه رهيو هيو ڄڻ ڪنهن تيز سيلاب ۾ لڙهي رهيو هيو، سخت گرمي هوندي به هن جا ڏند ڪڙڪي رهيا هيا ۽ چيلھ وڌيڪ ڇٻي ٿي وئي هئي. هن سوچيو هو اڳتي وڌي ان ڏوليءَ کي روڪي ۽ روئي روئي شانيءَ جي پيرن جي مينديءَ کي ڌوئي ڇڏي. هو هڪ دفعو ان جي لالي لڳل چپن کي ڏسي ۽ ڦاٽي مري وڃي. ڏولي شهر ٽپي هاٽي وسيع ميدان ۾ داخل ٿي چڪي هئي، راهب کي سمجھ ۾ نه آيو ته هو شانيءَ جي ڏوليءَ کي شهر کان ٻاهر ڇو ڪٽي آيا هيا، اتي ته نظرون هر طرف ستارن کي زمين سان لڳندو ڏسي رهيون هيون، هڪ سنئون سڌو پٽ هيو جنهن تي ڪارا وڻ اهڙي دونهي جيان پئي لڳا جيڪي ويراڳين جي زمين تي ٻاريل ٻاھ مان ڦٿي نڪتا هجن، جيڪا انهن ڪجھ دير جهنگ ۾ روشني ڪري رات بسر ڪرڻ لاءِ جلائي هجي، راهب لاءِ اهي رڻ عجيب هيا، هن جي قدمن انهن کي ڪڏهن به نه ڇهيو هيو. هو انهن راهن کان بي خبر هيو، هو شانيءَ جي ڏوليءَ جي رهبري ۾ اڳتي وڌي رهيو هيو، شرميلي ۽ خوفزده طبيعت وارو راهب جيڪو ان ڌرتيءَ جي چپي چپي کي ڇهي لرزي ٿي ويو، جيئن هو شانيءَ جي ڳلن تي آڱريون ڦيريندو هجي، ڪيڏو نه خوفناڪ تاثر هيو هن لاءِ بلڪل مرڻ جوڳو، يا گهٽ ۾ گهٽ اڪيلائن ۾ اچي تڙپائڻ جهڙو.

هاڻي هن جي من جي نراسائي گهڻي قدر جهڪي ٿي چڪي هئي، هاڻي اهو پيڙا جو بنياد هن جي وجود مان پنجي ويو هيو يا ان جي پنجڻ جو احساس هن کي شدت سان ٿي رهيو هيو جنهن ڪري درد آهستي آهستي ٿي هن جي اکين مان ڇٽي خارج ٿي ويو ۽ هن وٽ شانيءَ کان هميشہ لاءِ جدا ٿيڻ جو احساس وڏيڪ گهرو ٿي ويو، جيڪو باقي عمر هن جي خوشين جي گهڙين ۾ اچي انهن کي بيمار ڪري ڇڏيندو. هن کي اهي گهڙيون ائين لڳيون جيئن خوبصورت عورت کي بگ نڪتو هجي. آخري دفعو شانيءَ کي ڏسڻ جو ارمان هن جي دل ۾ ئي دٻجي ويو. هو اهو سوچي وڏيڪ پشيمان ٿي ويو تہ شانيءَ پنهنجي شادي ۾ هن جي نہ اچڻ تي ڇا محسوس ڪيو هوندو. ساڳي ڪاليج واري بي رخي ۽ مغروري. هن سوچيو ان کي ڪهڙي خبر تہ جيڪو راهب بي رخو ۽ مغرور هيو، اهو اندر ۾ ڪيترو نہ پڳل ۽ پريل هيو. جيڪڏهن ان کي هنن گهڙين جو احساس هجي ها تہ هو ان وقت تنهنجي اڳيان اچي پاڻ کي ضرور ذليل ڪري ها، ضرور پيار جو اقرار ڪري ها، توکي تنهنجي لاپرواهيءَ جي اها سزا ڏئي ها تہ هو ڪاليج جي رستن تي پنهنجو نرڙ گسائي انهن کي زخمي ڪري ڇڏي ها، اتي بينل هر عمارت کي پنهنجي مٿي سان گهاءَ ڏئي رتو ڇاڻ ڪري ڇڏي ها، پر راهب اڄ مجبور هيو، هن جي شاني جي ڏولي هاڻي هن جي نظرن اڳيان وڃي رهي هئي ۽ هو پنهنجي شرم جون حدون اورانگي ان جي پوئتان اچي رهيو هيو ڏولي هاڻي شهر کان گهڻو ڏور نڪري آئي هئي ۽ راهب اهو سوچي ان ڳالهہ کي لنوائي ڇڏيو تہ اديبن جا روح عوام ۾ ۽ جسم تياڳ ۾ هوندا آهن. ٿي سگهي ٿو شانيءَ جو مڙس بہ اهڙن اديبن مان هجي جيڪي سڪون خاطر شهر کان ڏور رهائش اختيار ڪندا آهن، يا ٿي سگهي ٿو اجان شهر هلندو هجي، يا شهر جو نقشو ئي اهڙو هجي جو اها سموري ويراني بہ ان شهر جو ئي حصو هجي، ڄڃ چڱي دير هلندي رهي ۽ نيٺ وڃي ماڳ تي پهتي. راهب ساڳيو هڪ فرلانگ پري کان بيهي ان ڄڃ کي نهاريندو رهيو، هن جي هٿن ۾ جهليل گلابن جون لڙيون ڪومائجي ويون هيون ۽ انهن ۾ اهو واس باقي نہ رهيو هيو، راهب کي رڪي رڪي ڄڃ واري پاسي کان گلابن ۽ عطر جي خوشبوءَ اچي رهي هئي. ڪجهہ ماڻهو جهڳٽو ناهيو نئين آيل ڪنوار کي ڏوليءَ مان لهڻ ۾ مدد ڏئي رهيا هيا ۽ ڪجهہ انهن کي صلاحون ڏيڻ لاءِ زور زور سان ڳالهائي رهيا هيا شايد هر ڪو ڏاڍو خوش هيو. راهب بہ هڪ عجيب تاثر کان مرڪي ڏنو ۽ سوچيو، ڪيترو نہ خوشنصيب هوندو اهو گهر جيڪو شانيءَ جي بدن جي خوشبوءِ کي محفوظ رکندو. ڇاجين جي خوشين ۾ پاڻ کي شامل ڪرڻ لاءِ هن پري کان بيهي انهن ڏانهن مرڪ جا گل اڇلايا.

هو ڪيتري دير اتي بيٺو رهيو ۽ نامڪمل روشنيءَ ۾ انسانن جا هلڪا چرپر ڪندڙ پاڇولا ڏسندو رهيو ان ڪانپوءِ ڇاجي گهوٽ ڪنوار کي اڪيلو ڇڏي ٽولين جي صورت ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هيڏانهن هوڏانهن ٽڙڻ پکڙڻ لڳا. هن ڏٺو ڪجهہ انسان هٿ کڻي نئين جوڙي جي خوشحال مسقبل لاءِ دعائون گهرڻ لڳا ۽ ڪجهہ انهن تي گل نڇاور

ڪرڻ لڳا، هر انسان انهن کي دعائون ڪري رهيو هيو ۽ هن ٻه دل ئي دل ۾ شانيءَ کي دعا ڪئي، شل هوءَ نئين ور سان سکي رهي. هن کي زندگيءَ ۾ ڪو ٻه ڏک نه پهچي. ان ڪانپوءِ هو ڪنگهيو، هن اندر جي مونجهه کي گهٽائڻ لاءِ ڪنڌ مٿي ڪري جيئن ئي وڌو ساهه ڪنيو ته ستارا هن جي اکين ۾ جهرمر ڪري چمڪي رهيا هيا، انهن جون لاٽون پاٽيءَ ۾ موت ڪائي رهيون هيون ۽ راهب نڪ وٽ گهمندڙ ڪولين جهڙي ڪتڪتائيءَ تي ضبط ڪري ڳوڙهن کي ڇهائي ڇڏيو.
گهوٽ ڪنوار کي ڪمري ۾ پهچايو ويو هيو ۽ ڄاڃين جا گولا وسامي ويا هئا، هن ڏنو هر طرف اوندهه ئي اوندهه هئي، رڻ هيو جنهن ۾ توهرن راڙا پئي ڪيا ۽ اڀ هيو جنهن ۾ ستارا پئي رنا. هو ڏڪندڙ قدمن سان آهستي آهستي اڳتي وڌيو، هو حيران ٿي ويو هن اڳتي وڌي وجي ڏٺو، اتي ڪو ٻه گهر نه هيو، ڪا ٻه سيج نه هئي، ڪٿي ٻه مينديءَ جي خوشبوءِ ۽ ڳاڙهي جوڙي جي سرسراهٽ نه هئي، ٻه ڳاڙها چپ ڪٿي ٻه مرڪي نه رهيا هيا، ٻه پيار ڪندڙ ٻانهون ڪٿي ٻه ڪر نه پيجي رهيون هيون، اتي قبرستان هيو. هر طرف موت ئي موت، ڌرتيءَ جي دامن ۾ وڪريل لاشا ۽ ماڪ پنل ڪبڙ. ڪلراٺي زمين ۽ زمين دوز ميرا ڪفن، سانت هئي جنهن ڏک جي شرناءِ پئي وڄائي، اڀ هيو جنهن رڙيون ڪري چرڪ پئي ڪڍيا، خاموشي هئي جنهن جي پڙاڏن ڪان دل پئي ڌڙڪي ۽ هڪ نئين قبر هئي جنهن تي ڦولن جو سهرو چڙهيل هيو. هو پريشان ۽ ٻڪندو ان قبر تي آيو، هن کي ان جي تازي مٽيءَ مان مينهن جي خوشبوءَ آئي. آگر بتين جي دونهي هن جي وجود ۾ سوين ڀالا وهائي ڪڍيا، هو ڪرندي ڪرندي بچيو. هن هيٺ جهڪي ڦولن کي ڇهيو ۽ ڪتبي سان اکيون اکين ۾ ملائي بيهي رهيو،
”او راهه مان گذرندڙ انسان ٻڌ! مالڪ جي دل اهڙي قبر مثل آهي جنهن ۾ اسين جيئرا دفن آهيون.“ هن ڪتبي مٿان پڙهيو ۽ پوءِ هيٺ هن جي نظر هڪ ٿلهي اکر تي پئي،
”مرحوما شاني جنهن جوانيءَ ۾ پاڻ کي مالڪ حوالي ڪيو ۽ ان جي دل ۾ جيئري دفن آهي.“ راهب جي جسم جون مشڪون ڪنبي ۾ اپرندڙ ڌرڙين ڪري سخت ٿي ويون، هن ڪومايل ڦولن وارين لڙين کي قبر جي ڳچيءَ ۾ پائي، ان جي ٻانهن کي پنهنجي چوڏاري ويڙهي سيني سان لائي ڇڏيو.

(هيءَ ڪهاڻي آمريڪي اديب هاٿورن جي نالي جنهن جي سحرانگيزيءَ مون کي متاثر ڪيو.)

# گوڏوٺ جو جنم

سينا جي صحرا ۾ ٻڪندي هن کي ٻه ڏينهن گذري چڪا هيا، هر طرف ڦهليل واريءَ جا ڍهه ۽ انهن جي مٿان لڳندڙ گرم هوائن جا ڏنڊ، جيڪي ٿوهر جي ٻوٽن سان گسي گهوگهٽ پيدا ڪري رهيا هيا، هن جي وارن کي ڇڙوڇڙ ڪري پيوت ٻڻائي رهيا هيا، هن جي ڪائي منزل نه هئي، ڪو ئي ٽڪاڻو نه هيو. هوءَ هر مندر جي واسي هئي، هر مسجد جو آواز هئي.

دنيا جي تختي تي هن جي ٻه هڪ قوم هئي ۽ ان قوم ۾ ڪيتريون ذاتيون هيون، مختلف رسم و رواج هيا، الڳ الڳ ٻوليون هيون، هن کي پنهنجي قوم پنهنجي هوندي ٻه ڪڏهن پنهنجي محسوس نه ٿي، هوءَ ڪم ذات هئي، شودر هئي پر آخر هئي انسان. هن سان پنهنجي ديس واسين اهو سوچي زنا ڪئي ته هوءَ ڪم ذات هئي، هن سان فرقي پرستن ان ڪري زنا ڪئي ته هن جو فرقو ٻيو هيو، هن سان قبيلي واسين ان ڪري زنا ڪئي ته هن جو قبيلو ٻيو هيو. هوءَ اڪيلي هئي، هر انسان اڪيلو آهي، هر مذهب، قوميت، ذات، ٻولي، رسم و رواج هن کي سينا جي ريگستاني دڙن جيان ديوار محسوس ٿيا، جن جي هڪ پاسي ڏانهن ٿوهر جهڙا اڪيلا انسان بيٺا هيا ته ٻئي پاسي ڏانهن ٻيا. هن کي انسانن کان واريءَ جا ذرا چڱا محسوس ٿيا، جيڪي هوائن جي اٺ تي سوار ٿي دنيا جي هر خطي ۾ پنهنجو قافلو ڪاهي سگهن ٿا، دنيا جا ريگستان انهن لاءِ آهن ۽ هو ريگسانن کي جنم ڏيڻ وارا.

هن جو اصلي نالو مريم هيو، اها مريم جنهن اڄ کان سوين سال اڳ........ کي جنم ڏنو، اها مريم جنهن جي .......... جي ڪا ٻه قوميت نه هئي، جنهن ۾ ڌرتيءَ جي ڪنهن باشندي جو رت شامل نه هيو. هو......... هيو. نيل جي تاريخ جيان الڳ ٿلڳ.

مريم کي پنهنجي ديس واسين ڏاڍا ڏک ڏنا. هن کي آڪاش ۾ هر طرف ڦهليل اڇو جهڙ محسوس ٿيو، ڇڊو ڌرتيءَ جي انسانن جيان، گلوب جي مٿاڇري تي نهيل نقشي جي لڪيرن جيان، ڪڏهن ٻه مينهن نه وسائڻ جهڙو جهڙ، اڄ ۽ رڄ، ڏڪر، تپيل ڌرتي، ڇڻ آدم جو چلهه تان لاٿل تازو گول تئو، ڳاڙهو. هابيل قابيل جي ابتدا ۽ بي انتها، جنهن جو ڪو ٻه ڪنارو نه. قوميت جو قوميت تي تسلط ذات پات جا جهڳڙا، سر جڪڙين ۾ قاتل شودرن جون ديولين ۾ بلند ٿيندڙ دانهون تاريخ جا ابتا پڙاڏا.

مريم سوچيو آخر اهو سڀ ڪجهه ڇو آهي؟ ڇو ان ڌرتيءَ کي جهونو ڇو ٻڻايو ويو آهي؟ هن جي موڪري منهن کي مذهب، قوميت، ذات ۽ ٻين نفاقن جي آڙ ۾ انسان جي وهايل خون مان برش ٻوڙي ٻڊائپ جون لڪيرون ڇو ڪڍيون ويون آهن. انسان انهن سيني شين

مان هٽ چا ڪيو آهي؟ هن چا پرايو آهي؟
تسلط، بک، بربادي پر آخر هو سوچي چو نہ ٿو. هو ڪروڙين رپيا بچاءَ تي خرچ ڪري ٿو، هن کي پوءِ ڪنهن مان آهي؟ پاڻ مان؟
مريم سينا جي صحرا ۾ ڊوڙندي رهي، هن جا ڪپڙا ليڙون ليڙون هيا، ڪنهن مذهبي ڪٽر جي تلوار تي ريلا ڪري وهندڙ لهوءَ جي ڊبي جيان هن جي ڳاڙهي سلوار جهيريون جهيريون هئي، سٽرن تائين ڦاٽل، دنيا جي ڪوڪلي ثقافت ۽ تهذيب جو نمونو، جنهن کي هو پنهنجو تاريخي تسلسل چئي پاڻ پڏائي ٿو.
سينا جي صحرا مان ٿيندي هوءَ يهودين جي ملڪ ۾ پهتي. ڪجهہ يهودين هن جي شڪل کي نهاريو ۽ پوءِ رڙ ڪري هن ڏانهن وڌيا، ”ونوس حرام زادي مسلمان، نانگن کي جنم ڏيڻ واري.“ ۽ پوءِ هوڪارو پئجي ويو. جيئن مئل ڳئون جي لاش تي هزارين ڳجهون لامارا ڏئي لهي پيون هجن. خاموش ڳئون، مئل ڳئون، جنهن ڪڏهن بہ احتجاج نہ ڪيو.
هن جي نصيب ۾ ڪهڻ جو لفظ لکيل آهي، احتجاج جو نہ. يهودين هن کي خوب زنا ڪيو ۽ پوءِ هو بيهوش مريم کي ٽنگا ٽولي ڪري سرحد کان ٻاهر اڇلي آيا. هن کي هوش آيو تہ هوءَ هڪ ٻئي ملڪ جي سرحد تي هئي. ڪجهہ ماڻهو رڙ ڪري وري هن ڏانهن ڪاهي پيا، ”ونوس اسان جي قوميت مان نہ آهي.“
هنن مريم سان زنا ڪئي ۽ ٻين جيان هڪ دفعو وري هن کي ٽنگا ٽولي ڪري سرحد کان ٻاهر اڇلي آيا. هوءَ هڪ ٻئي ملڪ ۾ هئي. ان ملڪ وارن بہ هن کي زنا ڪيو ڇو جو هن جي ٻولي ٻئي هئي.
هوءَ هر ملڪ مان ٿيندي اڳتي وڌي، ڌرتيءَ جي ڳولا ۾ انسانن جي ڳولا ۾ اهڙي ڌرتي جتي ڪو بہ مذهب، قوميت، ذات ٻولي، تهذيب ۽ ثقافت نہ هجي، هڪ جهڙائي هجي، انسان ۽ دنيا جي وچ ۾ ڪا بہ ديوار نہ هجي. هوءَ جنهن ملڪ مان لنگهي هن کي اتان جي ماڻهن غير سمجهيو، هن کي مذهب ۽ قوميت جي آڙ ۾ زنا ڪيو. هوءَ ايشيا جون سرحدون ٽپي يورپ پهتي. هن کي يورپ نہ بخشيو. ڇو جو هوءَ ڪاري نسل جي هئي ۽ گورا ڪارن لئي ازلي دشمن. هن سان آمريڪا جي يهودين زنا ڪيو. هن کي ساري دنيا زنا ڪيو. هوءَ پناهہ وٺڻ لاءِ جنهن بہ ملڪ ۾ گهري اتان جي ماڻهن جو تخم هن ۾ شامل ٿي ويو. هن کي ماڻهن ٽنگا ٽولي ڪري سرحدن کان ٻاهر اڇلايو. هن کي دنيا ۾ انسان نہ پر فوج جا اهي ڇڙواڳ هاٿي محسوس ٿيا، جيڪي ٻاهہ کان ڊڄي پنتي پجندا آهن ۽ ويندي ويندي پنهنجي لشڪر جو بہ خيال نہ ڪندا آهن، پنهنجا سپاهي پنهنجي ٿلهن پيرن هيٺان چيپاٽي ماري چڏيندا آهن. هن خدا کان احتجاج ڪيو آخر هن جو ڏوهہ ڪهڙو هيو جنهن جي عيوض هن کي اهڙي سخت سزا ڀوڳڻي پئي. آخرڪار انسان ڪيستائين نفرت جي چڪيءَ ۾ پسجندو رهندو، هن جو وجود ڪيستائين سامراجين جي پيٽ جو ڪاچ ٿيندو رهندو.
مريم پنهنجيون ڳوڙهن ڀريل اکيون مٿي ڪڻي خدا کي مخاطب ڪيو، ”او خدايا تون تہ

هن ڌرتيءَ جو خالق آهين، توکي تہ اڳڪتيءَ جي شڪتي آهي، پوءِ تون اهو ڇو ڪو نہ پيو سوچين تہ هڪ لک چوويهہ هزار نبي هن ڌرتيءَ تي اچي مختلف مذهبن ۽ قوميتن کي جنم ڏيندا، خانہ جنگي ٿيندي، هزارين انسان مرندا. او خدايا تون هڪڙو مذهب ڇو نہ پيدا ڪيو؟ هڪڙو نبي ڇو نہ اماڻيو؟"

۽ پوءِ جڏهن هن لاءِ ڌرتي تنگ ٿي وئي تہ هن روس مان ٿيندي ايشيا جو رخ ڪيو، هوءَ تاتارين مان ٿيندي چائنا ۾ گهري ۽ اتان تبت جو رخ ڪري اڳتي هماليہ جي پهاڙن ۾ گم ٿي وئي. ڇو جو هوءَ بلند هئي. مذهب ۽ قوميت کان بلند. هن جو هنڌ بلنديون هيون. هن انسانن کي پرکيو هيو، هوءَ عام انسان نہ هئي. مريم هماليہ جي بلندين تي چڙهي پنهنجو آستانو ٺاهيو.

ويهہ سال گذري ويا، دنيا مريم کي وساري ڇڏيو، پر دنيا ۾ ساڳي بدامني، هر طرف هوڪارا، خوني انقلاب، گولين جي آواز تي اکيون مهٽي سجاڳ ٿيندڙ انسان، سامراج جي خلاف جنگ، مذهب جو مذهب سان مقابلو، قوميت جي قوميت سان جنگ، آزاديءَ جو نعرو، جديد سوچن جو دقيانوسي ناهن سان ٽڪراءُ، بارود جي ڌماڪن ۾ عورتن ۽ ٻارن جون آهون، جوانن جو مٽيءَ ۾ ملندڙ خون، بي گناهہ انسان، جذبات جي آريءَ ڏي سرندڙ ڪاٺ، هر ڪو مذهب، قوميت، ٻولي، تهذيب، ذات ۽ ڪوڙن نظرين جي جنگ ۾ مصروف، ڪير شانتيءَ جو پيغام ڏئي، ڪير انهن جي ضد ۽ قدامت پسنديءَ کي ٽوڙي.

ڌرتيءَ تي ساوڪ پوکڻ لاءِ ٺاهيل هٿ، ان ۾ ڳاڙهاڻ پريندا رهيا، جنگيون ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيڻ جو قسم کڻي هلنديون رهيون، اوچتو ڪنان ڪو آواز زوڪٽ ڪندو وڄندو آيو.

"ٻيهو اي انسانو ٻيهو..... ٻيهو، ..... اي انسانو ٻيهو........" هر ڪنهن جا هٿ رڪجي ويا، هر ڪنهن جي منهن تي حيرت جا پاڇولا وڌي آيا، هر ڪو ٿڪيل هيو، امن ۽ شانتيءَ جي پيغام جو منتظر هيو، هر ڪو صرف مُنهَن جي پڪائيءَ سان وڙهي رهيو هيو، پنهنجي ضد ڏيکارڻ لاءِ، هر ڪنهن ڪنڌ کڻي مٿي نهاريو.

"تون ڪير آهين؟" سيني گڏجي ڇيو، هنن جي ٿلهي آواز ايٽم بم جيڏو ڌماڪو ڪيو.

"مون ۾ توهان سڀئي سمايل آهيو."

"ڇا تون مسلمان آهين؟" انهن مان هڪڙي سوال ڪيو.

"ها مان مسلمان آهيان."

"تہ پوءِ تون اسان مان ڪيئن آهين؟" هڪڙي يهوديءَ ڇيو.

"مان يهودي بہ آهيان."

"ڇا تون هندو آهين؟"

"ڪميونسٽ آهين؟"

"تو وٽ منهنجي قوميت آهي؟"

"تو وٽ منهنجي ٻولي آهي؟"

ڪن هن کان ذات پڇي.
”ها مون ۾ سڀ ڪجهه سمايل آهي.“
”ڇا تون آمريڪي آهين؟“
”يورپي آهين؟“
”آفريڪي آهين؟“
”آسٽريلوي آهين؟“
”ايشيائي آهين؟“
هر ڪنهن چوٽيءَ ڏي منهن ڪري پڇيو.
”مان سڀ ڪجهه آهيان، مون ۾ دنيا جو هر نسل سمايل آهي، مان توهان سيني مان آهيان، مان گوڊوٽ آهيان، گوڊوٽ مون هڪ دفعو وري مريم مان جنم ورتو آهي، مان ان ميري جو پيدا ڪيل آهيان جنهن ۾ پوري دنيا جو تخم سمايل هيو. مان اهو آهيان جنهن ڪي پنجن ڪندن جي مٽيءَ مان، ستن سمندن جي پاڻيءَ سان ڳوهي ناهيو ويو، مون ۾ دنيا جو هر نسل هر تهذيب، قوميت نظريو، زبان ۽ ذات سمايل آهي، منهنجي وجود ۾ دنيا جو هر خطو موجود آهي. مان مختلف انساني ذرن جو گهڙيل آهيان، مان توهان جي اختلافن جو گڏيل مجموعو آهيان ۽ اختلاف مون ۾ ملي هڪ ٿي ويا آهن، مان مڪمل انسان آهيان، منهنجو ظهور توهان جي ايڪتا امن ۽ روشنيءَ جو سنهيو آهي، مون وٽ نفرتون نه آهن، ڪي به بغض نه آهن، ڇو جو مون وٽ انهن لاءِ ڪو به جواز نه آهي، مون ڪي منهنجو وجود ائين پيو محسوس ٿئي جيئن منهنجو ذرو ذرو توهان آهيو ۽ مون ۾ سمائجي هڪ ٿيئي ڪي ٻانهن جي پاڪر ۾ جڪڙي اهڙي ته سوڳهائيءَ سان ڇهتيا پيا آهيو، جو منهنجو بدن وجود ۾ اچي ويو آهي، اچو توهان به هڪ اهڙي جذبي سان مون گوڊوٽ جهڙي جسم ڪي جنم ڏنو، جيڪو ڌرتيءَ تي هڪڙي ئي مرڪز ۽ نڪتي جي ڏيک ڏئي.“ پوءِ گوڊوٽ هنن کان سوال ڪيو ”ڇا توهان مان ڪو به مون ڪي قتل ڪرڻ چاهيندو؟ شايد ڪو به نه ڇو جو هر ڪنهن ڪي احساس آهي ته ٿي سگهي ٿو هن ۾ اسان جو رت شامل هجي، هيءُ اسان جي تخم مان هجي، پر توهان پنهنجي ماضيءَ ڏي هڪ نظر ڦيرايو، ڇا توهان ڪي پنهنجي وجودن جي ايڪتا ڪٿي به ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي؟ ڇا انساني ارتقا توهان لاءِ موت ۽ تباهيءَ جو سنيهو ڪٺي آئي آهي؟ توهان جو ڪروڙين سال پوئتي ڇڏيل ماضي توهان ڪي رڙيون ڪري ٻڌائي رهيو آهي ته توهان هڪ ئي ستاري جا مختلف ترورا آهيو، جيو گهرڙي جنم ڏيندڙ سمنڊ شايد ان ڪري خشڪ نه ٿيو آهي جو اهو توهان جي سوچ تي صدين کان ڳوڙها ڳاڙي پاڻيءَ سان ڪنارن تائين پر لڳو پيو آهي. مون ڪي ڏسو آءُ بلڪل ان ماضيءَ جي ايڪائي جهڙو آهيان جنهن جا توهان ترورا آهيو ۽ ساڳين ماضيءَ جي ترورن ملي هڪ دفعو وري حال ۾ هڪ نڪتي ڪي جنم ڏنو آهي، جيڪو مان آهيان. اچو ۽ مون جيان هڪ دفعو وري پاڻ ۾ سمائجي سچ جيان هڪ ٿي وڃون، ڇا هڪڙي سچ جا مختلف ڪرٽا

ڪڏهن هڪ ٻئي سان جنگجو ٿيا آهن؟ اهي ته منصف آهن، پوري دنيا لاءِ آهن، انهن ڪڏهن به پنهنجي روشني سان دنيا جي هڪ حصي سان زيادتي ڪري ٻئي کي نه نوازيو آهي. نه ئي ڪو ظالم سج کي ان ڳالهه تي راضي ڪري سگهيو آهي ته سدائين هن جي محل مٿان روشن هجي.

گودوٽ هماليه جي چوٽيءَ تان گجندو رهيو، هن ڌرتيءَ وارن کي ٻڌي ۽ امن جو پيغام ڏنو، انهن جي دلين کي ڏوئي انسانيت جي ڌاڳي ۾ پوئي ايڪتا جي تسبيح جو روپ ڏئي ڇڏيو.

انسانن کي پنهنجو مرڪز ملي ويو ۽ هو بي اختيار ٿي گودوٽ اڳيان جهڪي پيا، هنن کي پنهنجو ماضي ملامت ڪري رهيو هيو ۽ هو روئي روئي پنهنجي جذباتپڻي تي ماتم ڪري رهيا هيا.

(سموئل بڪيٽ جي ڊرامي”گودوٽ جو انتظار“ Waiting for Godot جي جواب ۾.)

# پل جي پريان

بئريج جا دروازا بند ٿي چڪا هيا ۽ ٻيڙين جي گهاٽ پرسان ماڻهن جو چڱو ڀلو جهڳٽو بينو هڪ ٻئي سان چئمگويون ڪري رهيو هيو. مليشيا ۾ ملبوس نوجوان سپاهي شموءَ پل وٽان اهو سڀ ڪجهه پئي بيني ڏٺو. ٻيڙين جي چرپر ۽ لنگوٽن ۾ بينل سرسبز ٻيٽاريءَ وٽ سگهاري جسم وارا ٿوبا، جن هر هر پاڻيءَ ۾ گهٽ هٽي ڪنهن شيءَ کي ڳولڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، گهاٽ وٽ هڪ عورت پنهنجا وار پٽي پار ڪدي رهي هئي ۽ ٻن ٽن ٻارن ڪناري تي ڦهليل گرم واريءَ ۾ ليٽڙيون ٿي پاتيون، منجهند جو ٽائيم هيو ۽ پل هيٺان وهندڙ پاڻي سج جي تپش ۾ چڻ ٿهڪي رهيو هيو. اهو هڪ شور مچائيندو ميل کن پري بينل چاهڻ دروازن واري بئريج طرف وڌي رهيو هيو، پل جي چوڌاري بينل شهر جون بلند ديوارون هڪ پاسي ڏانهن جهُڪي ويون هيون ۽ چڻ انهن جي زمين تي ڪرڻ ۾ ڪي گهڙيون وجي بچيون هيون.
سپاهي شموءَ بيني بيني ڪَر ڀڳا ۽ دل ئي دل ۾ ڪنهن نامعلوم شيءِ کي گار ڏئي هٿ وڌائي نرڙ تي آيل پگهر کي اگهي ڇڏيو. هن بيزاريءَ مان ڪڏهن ڪڏهن ڪنڌ جي چوگرد هٿ ڦيري اس ۾ ٽڙڪندڙ پٽ کي ڪنهيو ٿي. پل هڪ فرلانگ ڪن ڊگهي هئي جنهن جي ٻنهي چيڙن تي ٻه مختلف شهر آباد هيا، ايرندي ڪناري ڪچين ۽ ڊگهين جاين وارو هڪ پراڻو شهر آباد هيو ۽ الهندي ڪناري جديد عمارتن وارو صنعتي شهر، جيڪو پل جي الهندي ڪان وني ويندي هڪ ميل پري بينل بئريج جي ڪنارن تائين ڦهليل هيو. شمو ان ئي شهر جو رهواسي هيو ۽ روز ڊيوٽي ڏيڻ لاءِ هو هڪ ميل پنڌ ڪري اتي پهچندو هيو. ڊيوٽي ٻه ڇا هئي هڪ فرلانگ ڊگهي پل جي حفاظت ۽ هڪ شهر ڪان ٻئي شهر ڏانهن ايندڙ مال جي چڪاس، جيڪا هو ڪڏهن ڪڏهن ڪندو هيو ۽ پنهنجو مطلب پورو ٿي وجڻ ڪان پوءِ ان تان دستبردار ٿي ويندو هيو. سڄي ڏينهن جي بيهه بيهان هن کي ٿڪائي وجهندي هئي ۽ شام جو جڏهن هو پنهنجو فوجين جهڙو بوٽ لاهي جورابن کي وائکو ڪندو هيو ته هن کي ان مان مئل ٻلي جهڙي بدبوءِ ايندي هئي جيڪا هر وقت هن جي دماغ ۾ سمايل هوندي هئي، ڇو جو شهر جا ماڻهو مئل جانور پل جي الهندي طرف ڦٽيل قلعي ۾ اڇلائي ويندا هيا ۽ انهن جي بدبوءِ اتي چوويهه ڪلاڪ ڦهليل هوندي هئي. جنهن ڪان هن جو مٿو ڦاٽڻ لڳندو هيو ۽ گهر وجڻ ڪانپوءِ ٻه هن کي هر شيءَ مان ويندي ڪاڏي مان ٻه انهن مئل جانورن جي بدبوءِ ايندي هئي.
ڪجهه ڏينهن ڪان هن جي ڊيوٽيءَ ۾ هڪ ٻئي ڳالهه ٻه شامل ڪئي وئي هئي ۽ اها هئي ويندڙ جي احساسن ۽ جذبن جي شناخت. هاڻي اهو هن جي ڪم ۾ شامل ٿي ويو هيو ته هو هر ان ايندڙ کي جاچي ڏسي جنهن ۾ هن کي خودڪشي ڪرڻ جو ذرو ٻه گمان ٿئي.

ڪجھ ڏينهن کان نہ پر هميشہ کان اتي اهو دستور رهيو هيو تہ هر هفتي ٽي يا چار خودڪشي جا واقعا ضرور ٿيندا هيا، انهن سيني ۾ وڏيڪ واقعا اهڙن نوجوانن جا هوندا هيا، جيڪي يا تہ بي روزگار هوندا هيا يا تہ عشق جا ماريل. ڪڏهن ڪڏهن ڪو چريو بہ اتي پهچي ويندو هيو ۽ وچ پل تي پهچي پاڻ کي پاڻيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندو هيو. گذريل ڪجھ هفتن کان تہ انهن واقعن ۾ اضافو ٿي ويو هيو. ڪيترن ئي انسانن ٽپا ڏئي پنهنجا انت آندا هيا ۽ اجا ڪيترائي هيا جيڪي روز اتان جا چڪر هڻي پاڻ کي چوٽڪاري لاءِ پيا آمادھ ڪندا هيا. هاڻي شموءَ جي ڊيوٽيءَ ۾ اها ڳالھ بہ شامل ٿي وئي هئي تہ هو ايندڙ ويندڙ کي پرکي جنهن ۾ هن کي ٿورو بہ بيزاري يا ڳنڀيرتا جو احسا ٿئي ۽ هو اهڙي ماڻهوءَ کي گرفتار ڪري جيئن ان کي سيکت ڏئي جيئڻ تي راضي ڪيو وڃي. شمو هر ان ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ کي پيو چتائيندو هيو جنهن جو بہ ان پل تان لنگھ هيو، پر ڪجھ ڏينهن کان باوجود هن جي پرکڻ جي بہ ٻہ چار اهڙا واقعا ٿيا، جيڪي هن لاءِ عجيب هيا. هن جي سامهون سامهون ئي هڪ اهڙي خوش مزاج ۽ ڀريل جسم واري جوان خودڪشي ڪئي، جنهن ۾ هن جو شڪ ئي نہ هيو تہ ڪو اهڙو انسان بہ خودڪشي ڪري سگھي ٿو. اهو روز ايرندي شهر کان ڪير ڪٽي الهندي ڏي وڪٽڻ ويندو هيو، بلڪل چاڪ چڱو ڀلو ۽ مرڪندڙ، پر هڪ ڏينهن ان وچ پل تي پهچي پاڻ کي لهرن جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ اجا تائين ان جو لاش نہ لڌو. تنهن ڪانپوءِ ٻيا بہ پوڙها هيا جن ۾ هڪ انڌو بہ شامل هيو ۽ ٻيو هڪ غريب رازو هيو، جن هڪ ٻئي پنيان خودڪشي ڪري هن کي حيران ڪري ڇڏيو. شمو آخر تائين ان ڳالھ کي سمجهي نہ سگھيو هيو تہ هن جي پرک جو انداز کهڙو هجي، هو ڪيئن سمجهي تہ پل جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين لنگھندڙ سَون انسانن مان هيءُ ئي اهو انسان آهي، جنهن جو اندرُ ڀري ٽٽي چڪو آهي ۽ هو پندرهن قدمن جو مهمان آهي. شمو مجبور هيو ۽ هن پاڻ کي ڏنو، ٽنل ڦٽل اندر ۽ پل جي هيٺان وهندڙ پاڻيءَ ۾ هن جو نظر ايندڙ منهن، جنهن جا نقش باوجود ڪوشش جي بہ هو ڪڏهن نہ ڏسي سگھيو هيو.

پل جي هيٺان ڦهليل ريتيلي ڪناري تي ماڻهن جو هل وڌي ويو هيو ۽ شموءَ ڏٺو ڪجھ ٽوٻا هڪ سجيل لاش کي ٽنگا ٽولي ڪري ٻاهر ڪڍي رهيا هيا، لاش جو ڪنڌ هڪ پاسي ڍرڪيل هيو ۽ سجيل منهن جي چمڙي حد کان وڌيڪ اڇي ٿي چڪي هئي. ان جي وارن مان پاڻي پئي ڳڙيو ۽ اڇي قميص بدن سان چهٽيل هئي. ماڻهو هٿ هٿ ۾ ڏئي لاش کي ٻاهر ڪڍي آيا ۽ هيٺ واريءَ تي اڇي رکيائون، عورت بيهوش ٿي چڪي هئي ۽ ان جي وات مان گفت پئي نڪتي. شموءَ بيزار ٿي ٻانهن کي ڪنهيو ۽ سامهون واري منظر کان لنوائڻ لاءِ سج ڏانهن نهاريو، سج جا تيز ڪرڻا هن جي اکين ۾ لهي اوندھ پکيڙي ويا ۽ هن اکيون ڇنيي ڪري ڪنڌ ڀري ڪيو. هن سمجهيو شايد ڪاري انجڻ واري ريل اچي رهي آهي، پر اتي ڪجھ نہ هيو ڪرڻن جي روشنيءَ جا انڌيرا هيا جيڪي هن جي نظرن

۾ سمائجي ڪيروسين جي دونهن ۾ تبديل ٿي ويا.
تازو نڪتل لاش شايد ان اڌڙوٽ عمر واري شخص جو هيو جنهن رات پل تان ٽپو ڏئي پنهنجو انت آندو هيو. ان وقت اتي هن جي رات واري ساٿي سڄڻ جي ڊيوٽي هئي، سڄڻ ئي هن کي ٻڌايو هيو تہ رات جڏهن ٿوريءَ دير لاءِ هن جي اک لڳي تہ اوچتو هن هيٺ پاڻيءَ ۾ ڇٻڙڪ ٻڌيو هيو پر هن کي ننڊ اچي رهي هئي ۽ هن اهو سوچي لنوائي ڇڏيو هيو تہ شايد ڪا مڇي هوندي يا ڪو ٻيڙيءَ وارو ونجھ ڇڪيندو هوندو، پر هن کي اٿر سان هيٺ ڪنارن تي بيٺل ٻيڙين وارن ٻڌايو تہ ڪنهن شخص رات پل تان ٽپو ڏئي آپگهات ڪيو آهي ۽ ان جو لاش اتي ڪٿي ئي ڪنهن پٿر جي تري ۾ اٽڪي پيو آهي ۽ هاڻي ان بدنصيب جو لاش لڌو ويو هو پورن اٺن ڪلاڪن ڪانپوءِ ۽ ان جي حالت ۾ تہ اهو سڄي پلپلو ٿي ويو هيو ۽ ڏسڻ وٽان نہ رهيو هيو.
روز روز جي حادثن شموءَ کي بي چين ڪري ڇڏيو هيو، اها بيچيني هن جي فرض جي ڪوتاهي ڪري هئي. مٿين آفيسرن حڪم جاري ڪري ڇڻ سڀ ڪجھ ڪري ڇڏيو هيو. جنهن ڏينهن کان وٽي شموءَ وٽ پل تان لنگهندڙ ماڻهن جي شناخت جو نوٽيس آيو هيو ان ڏينهن ڪانپوءِ آفيسرن وري ان ڪم جي جاچ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪئي هئي.
جڏهن تہ روز اهڙا واقعا پيدا ٿيندا هيا جن جي فوري جهل ضروري هئي، پر شمو تمام بي چين هيو هن کي ضمير جهنجهوڙي رهيو هيو. هن کي محسوس ٿي رهيو هيو جيئن هن جي ڪا بہ حيثيت نہ هجي پل تي سڀ ڪجھ پاڻ هرتو پيو ٿيندو هجي. جنهن ۾ هن جي ڪا بہ رڪاوٽ نہ هجي، ان جو وجود اتي هڪ اهڙي بت جيان هجي جيڪو هڪ هٿ ۾ سنگين واري بندوق جهليو، پير ملايو خاموش ڪنهن شهيد جو يادگار بڻيو بينو هجي.
هن کي شرم محسوس ٿي رهيو هيو ۽ ان شرم کي مٽائڻ لاءِ هن ضروري سمجھيو تہ هو ٻن ٽن اهڙن انسانن کي پڪڙي سزا ڏيارائي سرخرو ٿئي جن ۾ هن جو ذرو بہ شڪ هجي، گهٽ ۾ گهٽ هن جي پنهنجي بہ ڪا حيثيت هئي.
شموءَ ان آخري واردات ڪانپوءِ پل تي هر ايندڙ ويندڙ تي سخت نظر ڪري ڇڏي، هو هر ايندڙ جي اکين کي پڙهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو هيو. جيئن هن سوچيو هجي تہ عزرائيل جو گهر انسان جي اکين ۾ آهي ان ڪم کي جاچيندي هن جي ڦيرين ڦيرين نظر هڪ اهڙي لنگڙي فقير تي وڃي پئي جيڪو صبح شام ان پل تان لنگهندو هيو ۽ ان جي گهوڙين جي ٺڙڪ ٺڪ هن جي جسم جيان سست ۽ ڍلي هوندي هئي. جڏهن منجهند لڙڻ ۾ ڪجھ دير هوندي هئي تہ اهو لنگڙو پنهنجي پراڻي گودڙيءَ سان چنگهندو اتان لنگهندو هيو ۽ وري رات جو جڏهن شموءَ جي ڊيوٽي ختم ٿيڻ ۾ ڪجھ منٽ بچندا هيا تہ اهو ساڳيو لنگڙو ڪنجهندو آهستي آهستي هن جي اڳيان اچي لنگهندو هيو ۽ خاموشيءَ سان سر جهڪائي هليو ويندو هيو. ان فقير ڪڏهن بہ اک کڻي شموءَ ڏي نہ نهاريو ۽ نہ ئي ڪڏهن شموءَ ان ڏي ڪو ڌيان ڏنو بس هو ڪڏهن ڪڏهن ٻيني هن کي پنيان ويندي

نهاريندو هيو ۽ هن جي زندگيءَ تي عجب ڪائيندو هيو، پراڻين لٽڙين ۾ ڍڪيل معزور بدن ۽ گودڙين جي وزن ڪان جهڪيل ڪلها. ان ۾ ڪو شڪ نه هيو ته هو جوان هيو ۽ وڌيل ڏاڙهي ڪري پنهنجي عمر ڪان ڏهه سال وڏو پيو نظر ايندو هيو ۽ هن جي پيلي منهن جي سنجيدگيءَ مان ائين پيو لڳندو هيو جيئن ان ڪڏهن مرڪيو ته ڇا ڳالهايو به نه هجي. هڪ عجيب خوداري ۽ هڪ جهڙائي هئي ان جي چال ۾. هو ڪڏهن ڪڏهن ٽڪ ۽ وزن ڪان چگهندو به هيو، جنهن مان هن جي زندگيءَ سان ناراضگي پئي بکندي هئي ۽ ان ڪري سڀ ڪان پهريون شموءَ ان شخص کي منتخب ڪيو، جيڪو هن کي ٻين سڀني ڪان وڌيڪ پاڻي جي لهرن جي ويجهو هوا ۾ لڙڪيل محسوس ٿيو.

شموءَ هڪ ڏينهن ان فقير کي وڏي شهر مان ايندي پل جي چيڙي وٽ روڪيو. ان فقير ڪنڌ ڪٽي شموءَ کي ائين نهاريو جيئن هڪ فقير ٻئي فقير کي روڪي ان ڪان خيرات گهري هجي ۽ هن جي اکين ۾ نماڻائي پرجي آئي. جيئن هو چوندو هجي او رستي ۾ بيٺل مان به تو جهڙو آهيان.

پر شمو هن جي اکين جي نماڻائي کي نظر انداز ڪري سوال ڪيو. ”تون روز هيڏي ڪاڏي ويندو آن؟“

”ڪاڏي به وڃان تنهنجو تنهن ۾ ڪم؟“ فقير بي جگريءَ سان چيو ۽ شمو ڪڪو وڪو ٿي ويو.

”تنهنجو نالو؟“ ۽ پوءِ هن پنهنجو پاڻ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي چيو. ”خدو“ فقير چيو ”خدا بخش ولد امير بخش ولد رب نواز، ٻيو ڪو سوال؟“

”ڇا هيڏي پراڻي شهر ۾ تنهنجا ٻار ٻچا رهندا آهن؟ منهنجي چوڻ جو مطلب آهي زال ٻار، شموءَ کي پاڻ کي سمجهه ۾ نه آيو ته هو ڇا چئي ويو.“

”فقيرن جون زالون انهن جا پيٽ هوندا آهن.“

خدوءَ چيو ”منهجي شادي ٿيل نه آهي.“

شموءَ ڏنو پري منهن ڪري بيٺل فقير جي منهن ۾ رت ڳاڙ ڳنيرتا پرجي آئي.

”ته پوءِ پڪ تنهنجا پيءُ ماءُ هوندا.“

”نه انهن کي مئي ڪافي عرصو گذري چڪو آهي؟“

شمو حيران ٿي ويو.

”ته پوءِ تون روز هنن ٻن شهرن جي وچ ۾ ڇا جا چڪر هڻندو آهين؟“

هن سختيءَ سان چيو ۽ فقير جي منهن ۾ مسلسل نهاريندو رهيو.

”گهٽي گهمڻ سان مون ۾ جيئڻ جو احساس وڌيڪ ٿي ويندو آهي.“ فقير چيو ۽ پوءِ هن شموءَ ڏي ڏسڻ ڪانسواءِ ئي پنهنجو وزن گهوڙيءَ تي وڌو ۽ ٺڙڪ ٺڪ ڪندو هليو ويو.

شمو هن کي روڪڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي ۽ هن پل جي پٿن ڦٽن تي فقير کي ويندي ائين نهاريو جيئن هو زندگيءَ ۾ ان کي پهريون ڀيرو ڏسندو هجي.

ان ڏينهن جي ملاقات ڪانپوءِ شموءَ وٽ اهو احساس وڌيڪ گهرو ٿي ويو ته ڪيئن به ڪري ايندڙ شخص اهو ئي هوندو جيڪو خودڪشي ڪري هڪ دفعو وري هن جي ستل بيزاريءَ کي ڇهنڊڙي پائي جاڳائي ڇڏيندو ۽ هو نه پيو چاهي ته ڪو هاڻي روز پل تي اهڙا حادثا ٿين جيڪي هن کي وڌيڪ بدنام ڪن. جڏهن ته ان ۾ بدناميءَ جي ڪا به ڳالهه نه هئي، ماضيءَ ۾ ٿيل حادثن ڪانپوءِ به هو اهڙو ئي آزاد هيو، جهڙو هاڻي، پر پوءِ به هو اهو سڀ ڪجهه پاڻ ڏانهن منسوب ڪري رهيو هيو ۽ ان احساس کي مٽائڻ لاءِ هن کي هڪ اهڙو شخص ملي چڪو هيو جنهن کي گرفتار ڪري هو ڪجهه وقت لاءِ سرخرو ۽ مطمئن ٿي سگهيو ٿي. پاڻ کي هو محسوس ڪرائي سگهيو ٿي ته هو به محافظ آهي.

سج لهڻ وارو ئي هيو ۽ درياءَ جي ڪناري تي پار ڪان ايندڙ هنداڻن جا ٻيرا اچي رڪيا ٿي. ماڻهن جي هجوم لهندڙ مال تي واڪ پئي ڏنا. درياءُ گاجيون ڪندو وهي رهيو هيو، ايندڙ سنجها جي ڪاراڻ ۾ ان جو پاڻي وڌيو پوائتو ۽ گهرو پئي لڳو. هڪ ميل پري بيٺ ٻئريج جون قطار ۾ روشن ٿيندڙ بتيون لشڪر جي سپاهين جيان سينو تاڻي هڪ ڊگهي صف ٺاهيو بيٺيون هيون. هڪ عورت وچ پاڻيءَ ۾ ٻيڙي جو ونجهه هلائي لهرن ۾ لڙهي ايندڙ ڪاٺ جا ٽوٽا پئي گڏ ڪيا، سڀ ڪجهه هميشه جيان هو ۽ هو به هميشه جيان خاموش بيٺو ان کي ڏسي رهيو هيو. سانجهي ٿوري گهري ٿي ته شموءَ کي الهندي قلعي جي پويان ڪو پاڇو لنگڙائيندو پل ڏي وڌندو نظر آيو. اهو شخص جڏهن پل کي ويجهو ٿيو ته شموءَ ڏٺو اهو لنگڙو خدو هيو، جيڪو هميشه جيان پنهنجي جسم جو وزن ڪنيو چنگهندو اچي رهيو هيو، شموءَ کي حيرت ٿي هن خدوءَ کي ڪڏهن به سانجهيءَ مهل ڪچي شهر ڏي ويندي نه ڏٺو هيو. هو ته ان مهل پل ڪراس ڪري پڪي شهر ۾ پهچي ويندو هيو ۽ هاڻي ته ڪافي اوندهه پکڙجي چڪي هئي، ان مهل هن کي خدوءَ جو ڪچي شهر ڏانهن وڃڻ ٿورو ڪٽڪڻ لڳو ۽ هن به فيصلو ڪيو ته هو اڄ اهو معلوم ڪري رهندو ته آخرڪار ان لنگڙي خدوءَ جو هن ڪچي شهر ۾ ڪهڙو آستان آهي، جڏهن ته هو پڪي شهر جو رهندڙ آهي. خدو هميشه جيان هيٺ ڪنڌ ڪري هن جي اڳيان لنگهي ويو ۽ پوءِ ڪاٺ جي ڦٽن تي هن جي گهوڙيءَ جي ٺڙڪ ٺڪ جا آواز وڌيڪ گهرا ٿي ويا، شموءَ ڪجهه گهڙيون هن کي ويندي ڏٺو ۽ پوءِ جڏهن هو وچ پل تي پهتو ته شمو به هن جي پوئتان وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

جڏهن هو ٻئي پل ٽپي شهر ۾ گهريا ته ڪافي اوندهه ڦهلي چڪي هئي. گهٽين جا هيڊا ۽ اداس بلب روشن ٿي چڪا هيا، ڪيترا انسان درياهه ڪان ايندڙ هوا ۾ گهرن ٻاهران کٽون ڪڍي ڪچهريون ڪري رهيا هيا. ڊگهين ڪچين عمارتن جي وچ مان ٿيندا جڏهن هو هڪ سنهيءَ گهٽيءَ ۾ پهتا ته شموءَ گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽان ٻيهي خدوءَ کي هڪ ويران جاءِ ڏانهن مڙندي ڏٺو. رستي تي گندگي ڦهليل هئي ۽ڪيتريون ئي ڪچيون جايون هيٺ جهڪيل هيون، انهن جا ڇهتير مٽيءَ جي ڍنجن ۾ اونڌا ٿيا پوريا پيا هئا. خدو هڪ ويران جاءِ ۾ گم ٿي چڪو هيو. شمو پير پير ۾ ڏئي ان جاءِ جي پرسان آيو هن ڏٺو هڪ ڀڳل جاءِ جي

هينائين تھ ۾ هڪ ڪوٺي نهيل هئي، جنهن جو دروازو مٽيءَ جي پرائڻ ڪان هيٺ دٻجي ويو هيو ۽ ان ڪوٺيءَ جون دريون مٽين حصي ڪانسواءِ باقي هيٺ پوريل هيون. شمو ان دروازي جي اوٽ ۾ ڪجھ دير بيٺو رهيو پوءِ هو احتياط سان آهستي آهستي زمين ۾ دٻيل دريءَ جي مٽين چيٽري وٽ اچي ڪن رکي ٻيھي رهيو. هن کي ڪجھ آواز ٻڌڻ ۾ آيا هن اندر ڏٺو هڪ انڌي عورت خدوءَ جي ڪنڌ ۾ هٿ ڦيري هن جا وار چمي رهي هئي، هڪڙي ڪنڌ ۾ هيدي لاٽ واري هٿ بتي پئي ٻري، ان جي آس پاس گندگي ڦهليل هئي، جنهن ڪري هن کي تيز بدبوءِ محسوس ٿي رهي هئي. هڪ ننڍڙو گھر هيوبہ پراڻا جست جا وٽا ۽ انهن جي پرسان ئي سينور ۾ ٽڦهيل دلو. شمو اندر ڏسندو رهيو ۽ هن کي ڪَوَ اچڻ لڳي، هن جي دل چاهي تو هو اتان ڀڄي هليو وڃي پر هو اتي ئي دريءَ جي پاسي کان ٽيڪ ڏيو بيٺو رهيو ۽ اندر نهاريندو رهيو.

”اڄ ڏاڍي دير ڪيئي خدو، ڏاڍي دير ڪيئي؟“

عورت جو آواز جذبات ۾ ڏڪيو پئي، ائين پئي لڳو جيئن ان جي اندر ۾ ڪو روئندو هجي، عورت پنهنجا هٿ خدوءَ جي چو گرد پئي ڦيريا ۽ خدو ڪنڌ هيٺ ڪيو هڪ فرمانبردار عاشق جيان خاموش هيو.

”توکي هتي ايندي تڪليف بہ تہ ٿيندي هوندي نہ؟“

انڌي عورت هڪ دفعو وري ڳالهايو.

”پوري ڏينهن جي ٿڪاوٽ کي آءُ تو ڏانهن پنڌ ڪري لاهيندو آهيان، توکي خبر نہ آهي لالي تہ توکي ڏسڻ ڪانپوءِ مون کي ڪيترو نہ سڪون ملندو آهي.“ خدوءَ چيو پوءِ هن پنهنجي گودڙيءَ ۾ هٿ وجهي ڪاڏو ڪڍيو ۽ ٻئي ڪائڻ لڳا.

”آءُ اڄ پورو ڏينهن سوچيندي رهيس تنهنجي ڳالهين کي ياد ڪرڻ سان آءُ ڏينهن جي ڊيگھ کي گھٽائڻ چاهيندي آهيان، توکي خبر نہ آهي. خدو جڏهن تون نہ هوندو آهين تہ ڏينهن ڪيڏو نہ ڊگھو ۽ اڻ ڪٽ ٿي ويندو آهي. اسان ڪيڏا نہ بيزار آهيون. خوامخواهہ جي ڊيگھ مان زندگيءَ جي ڊيگھ کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي اسان ڪيئن نہ مختصر ڪري ڇڏيو آهي. تون آيو آهين تہ ائين پيو محسوس ٿئي جيئن هميشہ ائين ئي هجي، جيئن آهي. مون کان تہ تنهنجي ملڻ ڪانپوءِ وقت جي ڊيگھ ويکر سڀ ڪجھ وسري ويندي آهي. مون کي ائين لڳندو آهي جيئن آءُ ورهين کان پنڌ پئي هجان ۽ مون کي هڪ اهڙي ٻڙ جي ڇانو ملي وئي هجي. جنهن جي هيٺان ويهڻ سان پوري تڪليف خواب ۽ ڪل جهڙي ٻي ڪار شيءَ پئي محسوس ٿي.“

انڌي عورت ڳالهائيندي وئي ۽ ائين لڳو جيئن هن کي ڳالهائڻ ۾ مزو ايندو هجي. پوري ڏينهن جي بيزاري کان پوءِ هن کي هاڻي وڃي ڳالهائڻ جو موقعو مليو هيو. هن کي لڳي رهيو هيو جيئن ڪو هن کي قبر ۾ جيئرو دفن ڪري هليو ويو هجي ۽ خدوءَ هن کي قبر کوٽي هڪ دفعو وري نئين زندگي ڏني هجي.

”خدو جڏهن تون نہ هوندو آهين تہ مون کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڦهليل انڌيرن کان ڪو بہ خوف محسوس نہ ٿيندو آهي، ڇو جو مون کي خبر آهي تہ انڌيرا موت کان بہ وڌيڪ خوفناڪ آهن ۽ مون کي موت سيڻي شين کان پنهنجي ويجهو محسوس ٿيندو آهي، پر جڏهن تون ايندو آهين تہ مون کي پنهنجي آس پاس جي هر شيءِ کان خوف محسوس ٿيندو آهي ۽ صرف توسان پيار ٿي ويندو آهي.“

”ڇڱو ڇڱو هاڻي بس ڪري ڪاڏ.“ خدوءَ هن کي ٿورو پيار سان مرڪي ڇڏيو هو خاموشيءَ سان ڪيتري دير وينا ڪائيندا رهيا ۽ خدو هن جي منهن ۾ نهاري مرڪندو رهيو.

”لالي تون ڪيتري نہ پياري آهين.“

خدوءَ اوچتو هن جي ڳل تي چمي ڏني. شموءَ جنهن دريءَ کان ويٺي اهو سڀ ڪجهہ پئي ڏٺو ان ذري گهٽ الٽي ڪري ڏني. خدوءَ جي مٿيءَ هاڻي گندي ڳل تي چمي هن کي ائين لڳي جيئن هو پل تان هيٺ ڪري مهاڻن جي اڇليل ڪني بدبودار مڇين جي ڍير مٿان وڃي ڪريو هجي.

هو ڪيتري دير پاڻ ۾ پيار ڪندا رهيا ۽ شمو اتي وڌيڪ ترسي نہ سگهيو. هن کي خدوءَ جو سمورو اسرار معلوم ٿي چڪو هيو. هن کي دل ئي دل ۾ خدوءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ ان ڪاوڙ جو مفهوم هو پاڻ بہ سمجهي نہ سگهيو. هن کي پل ڏانهن موٽندي رات ٿي وئي ۽ جڏهن هو اتي پهتو تہ سڄڻ اڳ ئي سنگين واري بندوق تاڻيون، رات جي ڊيوٽيءَ لاءِ تيار بيٺو هيو. هن اتي پهچي هن کي سلام ڪيو ۽ پرسان ئي ڪئبن ۾ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. سڄڻ وٽان لنگهندي هن کي ان جي وات مان شراب جي تيز بوءِ آئي.

”اڄ هن مهل تائين اتي آهين. خير تہ آهي؟“ سڄڻ بيٺي بيٺي اندر ڪئبن ۾ وينل شموءَ کان سوال ڪيو.

”بس يار اڄ خوامخواهہ هڪ بي ڪار شيءِ پنيان ايڏو وقت برباد ڪيو.“ شمو سهڪندي قميص جي پاند سان پاڻ کي هوا ڏيندي چيو. سڄڻ پنهنجي ليکي هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو، جنهن ۾ وڏي معنا رکيل هئي، ”هتي جنهن بہ شيءِ جي پويان وڃبو اها برباد ڪري ڇڏيندي.“ سڄن ڳالهائي هڪ دفعو وري ڪليو.

”تون غلط سمجهيو آهي سڄڻ! اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي.“ شموءَ چيو ۽ بيزاري ظاهر ڪندي اوٻاسي ڏني.

”پاڻ جاڻ يار!“ سڄڻ چيو ۽ ٽهڪ ڏئي جڻ پنهنجو پاڻ کي چيو ”اسان بہ قتل آهيون هيءُ ڏسين ٿو اسان جي دل جو يادگار ٽهيل ٿي.“ سڄڻ مذاق ۾ سامهون واري پراڻي قلعي ڏانهن هٿ سان اشارو ڪندي شموءَ کي چيو ۽ ٽهڪن ۾ ٻڏي ويو.

”لڳي ٿو اڄ ضرورت کان شايد گهڻو ئي پئي ويو آهين.“ شموءَ چيو ۽ پاڻ کي ڪرسيءَ ئي ڍلو ڇڏي ڏنو. ٿوري دير گذري تہ خدو پل جي ڦٽن تان نڙڪ نڪ ڪندو لنگهيو. شمو ان وقت ڪئبن ۾ ڪرسيءَ تي ڍلو ٿيو پيو هيو. هن گهوڙين جي ڪڙڪي تي هن ڏانهن

ائين نهاريو جيئن ان جو ئي انتظار ڪندو هجي. ان ڪان اڳ جو خدو پل ٽپي شهر ڏانهن وڌي شمو سٽ ڏئي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ هن خدوءَ جي ٻانهن ۾ وجي هٿ وڌو.
”ٻڌاءِ ڙي اها ڪير هئي؟“ شموءَ جوش سان چيو. ڇو جو هن کي خبر هئي ته خدو خودار ۽ روبيلو شخص آهي، جيڪڏهن ان سان ڪاوڙ ۽ ڦڙتائيءَ سان نه ڳالهايو ته خدوءَ جون ڳالهيون هن کي ڪائي ويندڀون.
خدو هن اوچتو واقعي تي بلڪل حيران ٿي ويو هن ڳيت ڏئي وات ۾ پرجي آيل پاٽيءَ کي هيٺ لاٿو.
”ڪير؟“
”جنهن سان تون اندر ڪندر ۾ وينو ڪچهري ڪري رهيو هئين.“
شموءَ جي ڳالهه تي سڄڻ جيڪو پرسان ئي بندوق ٽاٽيو بيٺو هيو ٺهڪن ۾ ٻڏي ويو. هن جوش ۽ ڪل ڪان لفظن تي ڪنٽرول ڪندي وات مان ڳڦ جي ڪري اڏامندڙ ڦينگن کي روڪيندي چيو، ”ڇٻو ته هن لنگڙي جي قسمت به پاڻ ڪان سني آهي.“ ۽ هو ڪلندو رهيو.
”ٻڌاءِ اها ڪير هئي؟“ شموءَ چيو ۽ پوءِ هو پنهنجي پاڻ پريشان ٿي ويو. هو آخرڪار خدو تي رعب ڇو رکي رهيو هيو؟ اها هڪ معمولي ڳالهه هئي، هڪ انڌي سان پيار ۽ سو به ڪنهن گناهه ڪانسواءِ، خدو بلڪل ڪڪو وڪو ٿي ويو هيو. هن وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪي به لفظ ڪو نه رهيا هيا، هو چپ چاپ شمو جي اکين ۾ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ هن همٿ ڪندي چيو ”اها منهنجي سڀ ڪجهه هئي.“
”ڇڙي زال نه هئي؟ ائين نه.“ سڄڻ چيو ۽ وري ٺهڪن ۾ ٻڏي ويو.
شموءَ کي ضمير ملامت ڪئي هو سوچي رهيو هيو آخرڪار ڪهڙو جذبو هيو جيڪو هن کي پنهنجي دنيا ۾ گم سم رهندڙ فقير سان اچائڻ تي مجبور ڪري رهيو هيو، هو ڪجهه به سمجهي نه سگهيو ته آخر هن اهو ڇو ڪيو.
”توکي ان انڌي عورت سان ڏاڍو پيار آهي؟“
شموءَ نرمي سان چيو.
”انڌي سان پيار.“ سڄڻ چرڪ پري زور سان چيو ۽ وري ٺهڪن ۾ ٻڏي ويو.
خدوءَ ڇپن کي چورڻ چاهيو پر هن ڪنڌ لوڏيو. ”بي حد پيار.“ هن مشڪل سان چيو. شموءَ ڏٺو خدوءَ جي اکين ۾ پاٽي پرجي آيو هيو. هو ان کي ڪجهه وڌيڪ دير اتي روڪي ها ته شايد هو روئي پوي ها. هن ٺورو پري سري هن کي رستو ڏنو خدوءَ ڪنڌ جهڪائي جسم کي اڳتي زور ڏئي گهوڙين سان وک ڪنئين ۽ اڳتي وڌي ويو. سڄڻ ويندي ويندي هن کي پنيان ڪجهه چوڻ چاهيو پر هن جا لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا، هڪ نلهو ۽ زوريءَ ڏنل ٺهڪ هن جي نڙيءَ مان نڪتو.
”هي ڪڏهن به پل تان ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻي سگهي ٿو.“
خدوءَ جي هلي وڃڻ ڪانپوءِ شموءَ سڄڻ کي چيو ”آءُ هن کي وچ پاٽيءَ مان به ٻاهر ڪڍي

ايندس.“ سچڻ چيو ۽ هن جو منهن جوش کان ڳاڙهو ٿي ويو، ٻئي خاموش وينا رهيا، ٿوري دير ڪانپوءِ سچڻ ڳالهايو.

”اڄ گهر نہ ويندين، پل تي ڪنهن سان انجام ٻڌل اٿئي ڇا؟“

شمو ڦهريون دفعو هن جي ڳالھ تي مرڪيو.

”اڄ خبر نہ آهي ڇو مان پاڻ کي ڏوهي محسوس ڪري رهيو آهيان.“

شموءَ چيو ۽ پوءِ ٿڌي هوا ۾ ساھ ڪنيو.

”اڪيلائيءَ ۾ ڏوهن جو احساس وڌي ويندو آهي، هتي ٿڌي هوا ۾ ويھ يا هڪ ساٿيءَ کي ساڻ ڪري ڪمري ۾ هليو وڃ.“ سچڻ چيو ۽ هن دفعي شموءَ ٺهڪ ڏنا.

ٻہ هفتا گذري چڪا هيا پر پل تي ڪو بہ اڻ وڻندڙ واقعو نہ ٿيو هيو. ان ڏينهن ڪانپوءِ شموءَ جي خدوءَ سان ڪا لھ وچڙ نہ ٿي هئي. خدو هميشہ جيان اجا بہ پل جا چڪر هڻندو هيو ۽ شمو هن کي ڏسي ڪند هيٺ جهڪائي ويھي رهندو هيو. هن خدوءَ کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو هيو. هن ۾ هاڻي بيزاريءَ جو احساس نہ رهيو هيو. هن جو خدوءَ سان ڪو بہ مطلب نہ هيو. هن هر انسان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو هيو. آخرڪار هن جو ان ۾ ڇا تہ ڪو انسان پنهنجي زندگيءَ مان بيزار ٿي ان مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. هن کي اجان بہ پڪ هئي تہ لنگڙو خدو هڪ نہ هڪ ڏينهن ان پل تان ٽپوڏئي پنهنجو انت ضرور آڻيندو ۽ هو ان جي لاش کي لهرن جي وچ ۾ هيٺ مٿي ٿيندو ائين ڏسندو جيئن هن هاڻي تائين مختلف لاشن کي ڏٺو هيو.

نيٺ اهو ڏينهن اچي ويو، جنهن جو شموءَ کي انتظار هيو. پل تي ماڻهن جو هڪ وڏو جهڳٽو موجود هيو ۽ هيٺ درياءَ ۾ ٽوبا گهتون هڻي ڪنهن شيءِ کي ڳولي رهيا هيا. ڪجھ ماڻهن هيٺ بندر تي ويهي وچ سير ۾ ٻوڙندڙ ٻيڙين جو تماشو پئي ڏٺو، تہ ڪجھ ماڻهو مٿي پل تي پيل انهن گهوڙين کي ڏسي رهيا هيا جيڪي ڪنهن لنگڙي انسان هيٺ ٽپي ڏيڻ کان اڳي اڇليون هيون. شموءَ کي لنگڙي جي سُڄي ٻاهر نڪري ظاهر ٿيندڙ لاش جو انتظار هيو. رات جڏهن سچڻ جي اتي ڊيوٽي هئي تہ اهو حادثو پيش آيو هيو، پر سچڻ اتي موجود نہ هيو. جڏهن هو صبح جو اتي پهتو هيو تہ هن کي اتي وچ پل تي اهي گهوڙيون نظر آيون هيون. هن انهن ئي گهوڙين کي ڏسي صبح سان شموءَ کي ٻڌايو هيو تہ جنهن شيءِ جي مرڻ جي پيشنگوئي هن ڪئي هئي، اها صحيح نڪتي. شموءَ کي اها ڳالھ ٻڌڻ سان ڏاڍو افسوس ٿيو هيو. شموءَ سوچيو اها ڳالھ ڪيئن بہ ڪري ٿيٺي هئي، آخرڪار هڪ ڇيچلائيندڙ لنگڙو انسان ڪيستائين پاڻ کي جيئرو رکي سگهيو ٿي. اهو بہ ان حالت ۾ تہ هو فقير هجي ۽ هن کي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ ڪا بہ سهولت ميسر نہ هجي.

سج ڪافي چڙهي آيو هيو ۽ ڪناري تي ويهي تماشو ڏسندڙ ماڻهن مان ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ وڃي بچيو هيو. ائين ٿي لڳو جيئن ڪنهن بہ ٽوبي يا ٻيڙيءَ واري کي ان لنگڙي جي لاش

سان ڪا بہ دلچسپي نہ هجي، بس هو اهو سپ ڪجهہ وقت گذارڻ لاءِ ڪندا هجن. ٻئريج جا دروازا بند ڪيا ويا هيا پر ائين تي لڳو لاش ان جڳهہ تان سري اڳتي وڌي چڪو هجي. گرمي وڌي چڪي هئي ۽ شموءَ کي هاڻي ان لنگڙي جي لاش سان ڪا بہ دلچسپي نہ رهي هئي. پهريون هن جي من ۾ ڏک اڀريو هيو، پوءِ ان بدنصيب شخص جي لاش ڏسڻ جي تمنا، جنهن کي هن هرويروبہ ڪيترا دفعا آزاريو هيو، پر هاڻي اها تمنا بہ هن جي دل ۾ دم ٽوڙي چڪي هئي.

منجهند جا پاڇا لڙيا تہ شموءَ جا سمورا ڪپڙا هن جي بدن مان ڏامر جيان رجندڙ پگهر ۾ آلا ٿي ويا، ڪڇن وٽان هن جي ڪاري پوشاڪ وڌيڪ ڪاري ٿي وئي ۽ هن کي پنهنجي جسم مان اٿندڙ بدبوءِ آزارڻ لڳي، هن جيئن ئي هٿ سان ڪنڌ اگهي ٿڌو ساهہ کڻي پاسي کان نهاريو تہ هن کي ڌرتيءَ مان اٿندڙ ڇر جي پوئتان هڪ عجيب شيءِ پاڻيءَ جي لهرن جيان لڏندي ۽ سسندي پاڻ ڏانهن وڌندي نظر آئي. هو حيران ٿي ويو، هن جڏهن چتائي ڏٺو تہ اهو خدو هيو، جيڪو پنهنجي گهوڙين جي سهاري ٺڙڪ ٺڪ جا آواز پيدا ڪندو پل ڏانهن وڌي رهيو هيو، شموءَ جي پگهرن ۾ اضافو ٿي ويو، هن جي من ۾ ستل درد هڪ دفعو ڇڻ وري جاڳي پيو. آهستي آهستي خوف گاڏڙ خوشي هن جي ذهن تي ڇانئجي وئي، هن محسوس ڪيو جيئن هو خواب ڏسندو هجي، جيئن هن بيٺي بيٺي ننڊ ڪئي هجي يا هاڻي ننڊ شروع ٿي هجي.

هن خدوءَ کي پري کان ئي ڏسي رڙ ڪئي "خدو تون جيئرو آهين؟" خوشيءَ کان شموءَ جا چپ ڏڪيا پئي.

"ها مان جيئرو آهيان." خدو هن جي ويجهو ايندي چيو، پوءِ هو شموءَ جي حيرت تي نہ چاهيندي بہ رڪيو.

"پر ڇو؟" هن الٽو هن کان سوال ڪيو.

"اسان سمجهيو تون مري چڪو آهين." شموءَ چيو. خدوءَ جي اکين جا گهيرا سوڙها ٿي ويا. جنهن کان هن جي نرڙ ۾ گهنج پئجي ويو.

"مان ڪيئن مري سگهان ٿو؟" هن چيو ۽ پوءِ وري چيو "مان تہ جيئرو آهيان. تون هميشہ غلط سوچيو، بلڪل غلط سوچيو."

شمو سن ٿيو هن جي اکين ۾ ڏسندو رهيو ۽ خدو اتي وڌيڪ دير ترسڻ کانسواءِ ئي هليو ويو. هن ويندي ويندي شمو جي جسم کي ائين نهاريو جيئن مڙدي جي جسم کي.

شمو ڪيتري دير ڪنڌ ورائي خاموشيءَ سان ان لنگڙي ڇتڙيدار جسم کي ويندي ڏسندو رهيو، جو پل تان وڃي رهيو هيو ۽ ان جي مرڻ جو ڪو بہ گمان باقي نہ رهيو هيو. اهو جيئرو هيو ۽ اڳتي وڌي رهيو هيو، پل جي پريان، جتي انڌو پيار هن جو انتظار ڪري رهيو هيو.